وتائي فقير جي واپسي

لٽڪا، چٽڪا، ٽوٽڪا ۽ سوانح

مرتب

يوسف هاشمي

موسيٰ

وتايو فقير

(لطيفا، چٽڪا، نڪتا ۽ سوانح)

چونڊ ۽ ترتيب

يوسف هاشمي

موسي پبليڪيشن
ڄامشورو سنڌ

2015ع

حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو : وتايو فقير
ترجمو ۽ ترتيب: يوسف هاشمي
ڇاپو پهريون : 2015ع
ڇپائيندڙ : موسيٰ پبليڪيشن ڄامشورو
رابطي لاءِ: 0333_2740480
قيمت : 120/=

WATAYO FAQIR
COMPELEDS: YOUSIF HASHMI
EDITION 2015-02-22
MOSA PUBLICATION, JAMSHORO
CONTECT1:0333-2740480
PRICE:100/=

پبلشر پاران:

سنڌي ادب ۾ ڪوڙ سارا اهڙا ڪردار آهن. جيڪي نه رڳو پنهنجي ظرافت ۽ نصحيت ڀرين نڪتن جي ڪري مشهور آهن، پر انهن جا قول ماڻهن لاءِ هڪ رهنمائي جو ڪردار ادا ڪن ٿا. اهڙي طرح وتايو فقير به اسان جي لوڪ ادب جو هڪ قيمتي سرمايو رهيو آهي. ۽ وتائي فقير جي حوالي سان سنڌي ادب ۾ وقت بوقت مختلف ادارن طرفان ڪتاب شايع ٿيندا رهن ٿا. اسان به موسيٰ پبليڪيشن طرفان سنڌ جي ناميارِي اديب يوسف هاشمي جو وتايو فقير جي زندگي ۽ قولن تي ٻڌل ۽ مرتب ٿيل ڪتاب اوهان جي هٿن تائين پهچائي رهيا آهيون. اُميد ته پڙهندڙ سُٺي موٽ ڏيندا. ادا محترم يوسف هاشمي صاحب جو ٿورائتو آهيان، وڏ ۾ وڏ جاڪوڙ ۽ محنت سان هي ڪتاب ترتيب ڏنو آهي

حبدار علي گاڏاهي

سٿاءُ

وتايو ۽ سنڌي ادب	سراج
وتايو فقير، بهلول، عبيد زاڪاني ۽ ملان نصرالدين	ڊاڪٽر گل حس لغاري
وتايو فقير تي تحقيق جي ضرورت	ڊاڪٽر غلام محمد لاکو
وتايو فقير	علي احمد بروهي
وتائي فقير جي پچار	فضل احمد بچاڻي
وتائي جا لتڪا، چٽڪا، نقطا	
تحفة الڪرام مان اقتباسات	
وتائي فقير جي واپسيءَ	طارق قريشي

سراج

وتايو ۽ سنڌي ادب

قومن جي تاريخ ۾، اڪثر اهڙا مرحلا ايندا آهن، جڏهن هڪ پاسي سچ ۽ سچائي هوندي آهي، ۽ ٻئي پاسي ڪوڙ ۽ دولاب. ان ٻہ واٽي تي جيڪڏهن ڪو گوتم، ڪو شاهہ لطيف، ڪو وتايو فقير گڏجي وڃن تہ پوءِ ٻہ ٽي صديون سچ ۽ سچائيءَ جي سهاري زنده رهڻ جو موقعو حاصل ڪري وٺنديون. نہ تہ غلامي، گمراهي، ڪوڙ ۽ دولاب جي اهڙي ڪاهيءَ ۾، غرق ٿينديون آهن، جو ٻين قومن لاءِ عبرت جو سامان مهيا ڪنديون آهن. اسين، سنڌي، قوم، ڪجھ وقت کان وري انهيءَ ٻہ واٽي تي آهيون. اسان کي وري ڪنهن لطيف، ڪنهن وتائي فقير جي گھرج آهي، جيڪو اسان سان سچ ڳالهائي، اسان کي سچيون ڳالهيون ٻڌائي ۽ اسان کان سچيون ڪرائي. جيسين اسان پنهنجي پاڻ سان سچ نہ ڳالهايو، جيسين اسان کي اسان جا وتايا سچيون ڳالهيون نہ ٻڌائين، تيسين اسان جو قومي وجود ڪوڙ جو مانداڻ ٻڻجي ڍهڻ لڳندو، ۽ اسين بہ ٻين لاءِ عبرت جو سامان ٻڻجي ويندا اسون.

وتايو (ان کي "ط" سان "وطايو" لکي مسلمان ڪرڻ سان بہ ڪو فرق نہ ٿو پوي، نہ ئي هن کي هندو سڏي، کيس ڪافر جو لقب ڏيڻ سان ڪو فرق پوندو) سنڌ جي هڪ اهڙي علامت آهي، جنهن جي "هجڻ" ۽ "نہ هجڻ" جي وچ واري برزخ جي وٿي بہ اسان کي پياري آهي، ۽ اسان کي هنئين سان هنڊائڻ گھرجي. ان "هجڻ" سان وتايو سنڌ جو سقراط آهي، ۽ "نہ هجڻ" سان هو محمد فقير مسخري جو ڪو ساٿياري آهي. ٻنهي صورتن ۾ سنڌي تهذيب جي اجتماعي فڪر جو نمائندو آهي: ڏاهپ ڏي تہ بہ واهہ واهہ، جي اسان کي کلائي، نادر شاهہ جي مارشل لا کي ٺهڪ ڏيڻي لنوائڻ ۾ مدد ڏي، تڏهن بہ واهہ واهہ! اهو اجتماعي فڪر، اڄ بہ اسان جي اوطاقن ۾، اسان جي مرحوم ٻيڙي فقير جي پائي جي سگھڙڻ جي طفيل زنده سلامت آهي. سنڌ جي مجلسي زندگي جا اهي مور، اسان جي ٻوليءَ کي زنده رکڻ سان گڏ، اسان جي تاريخ جي سچائي کي اسان لاءِ محفوظ رکندا اچن. ان معنيٰ ۾ وتايو، اسان جي ان اجتماعي ۽ عوامي ڏاهپ جو اهڃاڻ آهي، جيڪو سلسليوار پنجن هزارن سالن تائين اسان کي جيئڻ جي سگھہ ۽ جيئري رهي سگھڻ جو ڏانءُ سيکاريندو رهيو آهي. ان جو صاف سڌو سبب اهو آهي تہ وتائي اسان کي پاڻ تي کلڻ، ڪوڙ ۽ دولاب کي ننگو اگھاڙو ڪري ان تي کلڻ ۽ سچا ٺهڪ ڏيڻ جي ترغيب ڏني آهي. اچو تہ ڪجھہ ان کلڻ، کلائڻ جي "ٽيڪنيڪي پهلوءَ" تي بہ نظر وجهون.

ٻولي ۾ اُن جا لفظ جڏهن صدين جا اَحساس پاڻ ۾ سمائين ٿا، تڏهن انهن جو اپياس بہ ڏاڍو دلچسپ ٿئي ٿو. وتائي فقير جا نقل عام طرح "چرچا" سڏيا وڃن ٿا، جيڪو هڪ غلط لفظ آهي. اصل ۾ ان لاءِ صحيح لفظ، جيڪو اسان جا وڏڙا ۽ عالم استعمال ڪندا هئا، سو آهي "ٻوڙ". ڪنهن سان "چرچو ڪرڻ" ۽ "ٻوڙ ڪرڻ" ۾ جيڪو فرق آهي، سو ذهن تي ٿورو ئي زور ڏيڻ سان سمجهہ ۾ اچي ويندو. "ٻوڙ ڪرڻ" ۾ چرچي جو خسيسپڻو نہ آهي. چرچو ڏارين سان ڪيو آهي، ٻوڙ پنهنجن سان ڪيو آهي. چرچي ۾ محض ٽوڪ هوندي آهي، ٻوڙ ۾ ترتيب ۽ ڏاهپ هوندو آهي. اسان جا ڏهس ڏٺ، ڳجهارتون ۽ ڏور ٻوڙ جي صنف جا حصا آهن، اِن ڪري ٻوڙ هڪ ادبي ۽ علمي سطح جو فڪر انگيز لفظ آهي. ان ۾ معنائون آهن، جيڪي اوهين ڪنهن بہ لغت ۾ ڏسي سگهو ٿا.

"ٻوڙ" لفظ، مذاق جي معنيٰ کان سواءِ برداشت جي معنيٰ بہ رکي ٿو. جيئن پيڙا ٻوڙڻ. ٻوڙ سنڌي طب جو بہ لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي جسماني ڪيفيت. انگريزيءَ ۾ اُن لاءِ لفظ آهي "Humour". اهو لفظ انگريزي ۾ لئٽن جي Humor مان آيو. جنهن جي معنيٰ آهي جسماني رطوبت. پراڻي يوناني ۽ لاطيني طب ۾ انساني جسم ۾ چار Humour يا اسان جي سنڌي طب مطابق چار ٻوڙ يا پاڻيٺيون هيون، جن ۾ توازن رهڻ سان ئي انساني جسم، ۽ اُن کان بہ اڳتي انساني شخصيت صحتمند رهي ٿي. ان ئي معنيٰ ۾ لئٽن کان يورپي ٻولين ۾ لفظ Humour ادبي لفظ بڻيو. بلڪل ائين جيئن اسان جو لفظ ٻوڙ، طب کان ادب ۽ سماجي سطح جو ٻوڙ بڻيو آهي. اهو عين ممڪن آهي تہ تهذيبن جي قديم ڏي وٺ جي ڪري اهي ٻئي لفظ "Humour" ۽ "ٻوڙ" سماجي سطح تي هڪٻئي جو ترجمو ٿي آيا. اڄ يورپي زبانن ۾ Humour ادب جو هڪ بنيادي ستون آهي. انگريزيءَ ۾ شيڪسپيئر کان وٺي ڊڪنس جي پڪ وڪ پيپرس (Pikwick Papers) تائين ۽ جديد زماني جي برنارڊشا، مارڪ ٽوئين ۽ آرٽ بڪوالڊ (Art Buckwald) تائين سوين اديب هن فن جا ماهر مڃيا وڃن ٿا. يورپي زبانن ۾ والٽيئر (فرانس) سروانٽي (اسپين) رختر (جرمني) ۽ ٻين ڪيترن جا مثال ڏيئي سگهن ٿا، جن ٻوڙ (Humour) کي ادب جي اعليٰ ترين سطح تي پهچايو.

اسان وٽ بہ سنڌي ادب جي اهڃاڻن کي جيڪڏهن صحيح ۽ سائنسي بنيادن تي چنڊجي ڇاڻجي، تہ هڪ ڏاڍو دلچسپ ۽ سلسليوار ٻوڙ جي صنف جو ادبي مواد ملي ٿو. جيڪو مختلف ڪتابن ۾، تذڪرن ۾، بياضن ۾ ٽڙيو پکڙيو پيو آهي. ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ وڳنڌ ۽ ٻين فقيرن بابت ڪلام جو ئي مثال وٺو تہ اوهان کي اُن جو سواد محسوس ٿيندو. اهڙيءَ طرح سنڌ جي سوين سگهڙن جي گفتن ۾ اوهان کي وڏو مواد ملندو. حديقہ الاولياءَ ۾

مرحوم حسام الدين گرهوڙي صاحب متعلق هڪ روايت ڏني آهي تہ هڪ دفعي مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي نماز جي تڪبير هن طرح چئي:

نہ مار ئي چائي، نہ مارو پون ها مامري! الله اڪبر. رڳو ان هڪڙي مثال کي ئي وٺو تہ ڏاهپ ۽ لطافت جو هڪ عجيب سمنڊ ڇوليون هڻندو ٿو نظر اچي.

ان پس منظر ۾ جيڪڏهن وتائي فقير جو اڀياس ڪريو تہ اوهان کي سنڌ جي عوامي ڏاهپ جو اکٽ خزانو پوڳ واري ادب جي صورت ۾ ملندو. يوناني، لئٽن، انگريزي يا فرانسيسي ۽ ٻئي يورپي ادب جا جيڪي ترجما جووينال کان سروانتي تائين پڙهجن ٿا، تڏهن بہ ڏاهپ، لطافت ۽ طنزيہ ادب جو اهڙو شاهڪار نہ ملندو، جهڙو وتائي ۽ ڳٺون ۽ گڏهہ واري نقل ۾ آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ان نقل ۾ وتائي کي "ط" سان "وطايو" لکي، ان ۾ ڪي همراه روحاني راز ويهي ٿا پروڙين. پر اها ڳالهہ تہ اهڙا يار بہ مجيندا تہ ان ۾ هڪ عوامي معنيٰ، عوام جي تربيت، ۽ ڏاهپ جو هڪ اعليٰ مثال پوڳ ئي پوڳ ۾ اسان کي ڪجهہ سوچڻ تي مجبور ڪري ٿو.

ان ڪري جيڪڏهن اسان کي زندگيءَ جي سچ ۽ ڪوڙ جي ٻہ واٽي تي ڪنهن ڏاهي جي، اهميت جو احساس آهي تہ پوءِ وتائي فقير کي اها اهميت ڏيڻي پوندي، جيڪا هن کي عام مجلسن ۽ ڪچهرين ۾، سنڌ جي مجلسي زندگي جي پس منظر ۾ آهي. پورهيتن، ڪمين ڪاسبين ۽ هٿ هنروارن عام ماڻهن لاءِ ڏاهپ جا موتي ورهائيندڙ هي اسان جو يار صدين تائين اسان کي زندگيءَ تي ٽهڪ ڏيڻ سان گڏ زندگي جو اصل درد بہ سيکاريندو رهندو.

وتايو فقير، بهلول، عبيد زاڪانيءَ ۽ ملا نصيرالدين جي ظرافت ۽ حقيقت شناسي

وتايو فقير، جنهن جا مزاحيه ٽوٽڪا، نقل نظير سنڌ ۾ عام آهن، درويش صفت انسان جي زندگي، حالت ۽ ان دؤر متعلق سيمينار ڪوٺائڻ به حقيقت پسنديءَ جو ثبوت آهي ۽ ائين چئجي ته "اهڙا ڪي آهن، جوڳي هن جهان ۾"

عام طرح سان وتائي فقير جي ڀوڳ ڀريل ۽ ڪلاڪيندڙ ڳالهين کي محض تفريح ۽ وندر لاءِ مجلس يا محفل جو سينگار بنايو ويندو آهي، پر هن درويش منش انسان جي فڪر، صدق و اخلاص، بيباڪي، دانائيءَ ۽ حڪمت سان بي انصافي آهي؛ ڇو ته سندس ظرافت ۽ مزاحيه انداز واري گفتگو ۾ حقيقت ۽ عرفان سمايل آهي، جنهن کي پروڙڻ جي ڪوشش ته نه ڪئي ويئي، بلڪ اڪثريت سان صرف طنز و مزاح جي حد تائين "چرياٽپ" جي لقب سان نوازيو ويو، اها هڪ وڏي ڀُل آهي. هن فقير جي بيان ڪيل نڪتن ۾ جيتوڻيڪ ڪيترين ئي ڳالهين ۾ وڏاءُ ڪان ڪم ورتو ويو آهي ۽ اهڙا به نقل سندس نالي سان منسوب ڪيا ويا آهن، جيڪي اهڙي قلندر صفت انسان جي زندگي ۽ خيال سان نٽا نهڪن. ان ڪري انهيءَ جي ڇنڊڇاڻ ضروري آهي.

جيئن ته پاڻ اصل ۾ هندو هو پوءِ مسلمان ٿيو. صاف ۽ سڌو انسان هو. ڇٽيون ۽ نروار ڳالهيون چئي ڏيندو هو. ان ڪري هندو سرمائيدار هن کي قبول نه ڪيو ۽ بااثر مسلمان جي نزديڪ به هن کي ڪو شرف حاصل نه ٿيو.

ايتريقدر جو ڪيس نصرپور مان به لڌڻو پيو. چيو وڃي ٿو ته سندس مڱڻو عمرڪوٽ جي ڪنهي خاندان مان ٿيو هو، پر سندس ساهريجن ڪيس ڇريو سمجهي سڱ نه ڏنو. سندس پنڌ ۾ پيچرا عمرڪوٽ پيا ٿيندا هئا. چون ٿا ته جڏهن هو عمرڪوٽ ۾ لامبي (1) ڪوهه وٽان اچي لنگهيو ته اتي پاڻي ڀريندڙ ڪن ڇوڪرين ڪي، امان ادي چئي، پيار سان مٿي تي هٿ پئي گهمايائين؛ تڏهن انهن مان هڪ ڇوڪريءَ چيو ته: وتايا، هن ڇوڪريءَ جي مٿي تي به هٿ گهماءِ! انهيءَ تي فقير جواب ڏنو ته: ”ڇريا ڪريا آهيون، پر ماءُ پيڻ جي ساڃاهه رکون ٿا، هي لڄ تي ڇڪي آهي، ان ڪري هن جي مٿي تي نه هٿ نه ڦيربو.“ اها ڳالهه ته نهايت مختصر آهي ۽ تفريح طبع جو سامان به مهيا ڪري ٿي. پر هن درويش جي گفتي ۾ جيڪا غيرت، لڄ ۽ عزت آهي، ان جي لاءِ گهڻن ورقن ورائڻ جي ضرورت نه آهي. اها هڪ عام فهم ۽ سادي حقيقت آهي، جنهن کي پڙهيل يا اڻ پڙهيل پروڙي سگهي ٿو. ليڪن هن فقير جي اخلاقي قدرن، سچائي ۽ صدق کي نه سمجهيو ويو ۽ ٻالو ٻولو سمجهي، سندس ساهرا به سڱ ڏيڻ کان ڦري ويا. اهڙيءَ ريت معاشري ۾ هن جي دانائيءَ جي ڳالهين جو مذاق اڏايو ويو. سندس ظرافت ۽ مزاحيه ڳالهين کي سهيڙڻ ۽ گڏ ڪرڻ جي بجاءِ، روايتي انداز سان هر دور ۾ بيان ڪيو پئي ويو.

سندس حسب نسب يا ڄمڻ جي تاريخ وغيره متعلق ڪا به مستند معلومات نه آهي. انهيءَ جي باوجود سندس نقلن جي وسيلي عوامي تاثر موجود آهي، ڇو ته هن فقير عام ماڻهن سان پنهنجا معاشرتي ۽ انساني تعلقات قائم رکيا ۽ ڪنڌ وٺي وينو. سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته هن وقت جي حڪمرانن جي ڪا به تعريف نه ڪئي ۽ نه ئي حاڪمن ۽ عاملن جي نزديڪ ويو ۽ نه ئي وڏن ماڻهن ۽ بااثر حلقي جي خوشامد ڪئي.

سندس همعصر ڪنهن بہ مؤرخ، هن جي شخصيت، سمجهہ، دانائي ۽ حڪمت واري گفتار ڏانهن ڌيان نہ ڏنو. اها تہ سندس هردلعزيز ۽ ظرافت جو رنگ هو، جيڪو عام ماڻهن جي دلين تائين نقلن جي صورت ۾ قائم رهيو. اصل ۾ "جن بہ پنهنجو پاڻ سڃاتو، تن پنهنجي رب کي سڃاتو." اهڙا ماڻهو ئي انساني عظمت جو احساس رکندڙ آهن ۽ رمز شناس هوندا آهن.

حضرت علي عليہ السلام فرمائين ٿا:

افضل المعرفت معرفت الانسان لنفسه

(انسان لاءِ بهترين معرفت، پاڻ سڃاڻن آهي.)

(2) افضل العقل معرفت المرءِ نفسه فمن عرف نفسه عقل و من جلها ضل.

(بهترين عقل، پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ آهي؛ جنهن پاڻ کي سڃاتو، تنهن عقل جي روشني سان نيڪ بختي جي راهہ هٿ ڪئي؛ جيڪو پاڻ کان بيخبر ۽ غافل رهيو سو گمراهہ ٿيو.)

عرب و عجم يا جنوبي ايشيا جي ٻين ڪيترن ئي ملڪن ۾ خودشناس شخصيتون پيدا ٿيون آهن؛ ڪن جو ذڪر درويش ۾ آهي، تہ ڪي بزرگ ۽ عالم ٿي گذريا آهن؛ ڪي شاعر ۽ نڪتہ سنج شمار ٿيا آهن. سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي دؤر ۾ ڪيترائي "مشاهير" ٿي گذريا آهن، پر وتائي فقير جو ڪو خاص ذڪر يا حوالو نہ ٿو ملي؛ چو تہ ڪيس صرف ٽوٽڪن ۽ نقلن جي حد تائين رکيو ويو.

تاريخي لحاظ کان ڏٺو وڃي تہ مزاحيہ قصا ۽ ڪهاڻيون، تفريح، خوشدلي، مذاق، شوخي ۽ نمڪيني جو رواج عرب و عجم ۽ جنوبي ايشيا جي اڪثر ملڪن ۾ پئي رهيو آهي. وتائي فقير وانگر ٻيون بہ ڪيتريون ئي شخصيتون اهل دل ۽ اهل عرفان ٿي گذريون آهن، جن کي دنيا وارن ديوانو قرار

ڏيئي نظرانداز ڪيو آهي؛ حالانڪ انهن دوشناس انسانن جي فڪر ۽ عرفان موجب دنيا جا چاهيندڙ ديوانا آهن ۽ انهن عارفن دنيا وارن کي ديوانو سمجهي، پنهنجو منفرد رستو اختيار ڪيو. مثلاً بهلول (2) لاءِ چيو وڃي ٿو ته هن کي ديوانو قرار ڏنو ويو هو؛ جيتوڻيڪ هو هڪ خودشناس ۽ حقيقت پسند انسان هو. سندس حقيقت پسندانه نقل نموني طور ڏجن ٿا:

هارون الرشيد هڪ دفعي بهلول کان پڇيو ته: تنهنجي نزديڪ درست ترين شخص ڪير آهي؟ بهلول جواب ڏنو ته: "اهو، جيڪو مون کي پيٽ ڀري کارائي." هارون چيو ته: "جيڪڏهن آءٌ توکي ڏؤ تي پيٽ ڀري کارايان ته مون کي پنهنجو دوست سمجهندين؟" بهلول جواب ڏنو ته: "دوستي اُڌري تڪڙي ۽ روڪڙي نه آهي."

بهلول ڪجهه وقت بصره ۾ رهڻ لڳو. اتي ڪيس چيائينون ته: "بصره جا ديوانا شمار ڪر." جواب ڏنائين ته: "آءٌ خود انهيءَ شمار کان ٻاهر آهيان؛ پر جيڪڏهن چئو ٿا ته عقل وارا شمار ڪريان ته انهن جو تعداد تمام قليل آهي."

بهلول جي انهيءَ گفتار ۽ وتائي فقير جي پچار مان دانائي ۽ حڪمت معلوم ٿئي ٿي. اهل علم ۽ اهلِ قلم؛ ظرافت، طنز ۽ مزاح تي مبني مختلف درويشن، عارفن، عالمن ۽ شاعرن جا ٽوٽڪا، نقل ۽ نظير قلمبند ڪيا آهن، جنهن جو عربي، فارسي، ترڪي وغيره ۾ گهڻو ذخيرو ملي ٿو ۽ انهيءَ گفتار ۾ زندگيءَ جو ڪونه ڪو پهلو ضرور سمايل آهي. پوءِ اهو سياسي، سماجي، معاشي يا معاشرتي هجي يا علم و عرفان جو حاصل هجي.

سنڌ ۾ وتائي فقير جا ٽوٽڪا ۽ نقل به عام عرفان جي لحاظ کان ايراني شاعر عبيد زاڪانيءَ يا ترڪيءَ جي ملا نصيرالدين کان گهٽ نه آهن. ايترو ضرور آهي ته ايراني تخيل جو اثر سنڌ تي شروع کان پئي رهيو آهي؛ پوءِ

اهو شعر هجي، طنز و مزاح هجي يا روايتي قسم جون ڳالهيون هجن. ايراني فڪر ۽ عرفان ۾ پرده داري ۽ اشاراتي لطافت آهي. ان ۾ برهنگي ۽ درشتي نہ آهي. نفاست ۽ لطافت آهي. ظرافت، ڪنهن مقصد جي آئينہ دار آهي ۽ ان مقصد ڏانهن اڪثريت جو توجہ نہ هوندو آهي، جنهنڪري گهٽي خلق اصلي فڪر ۽ عرفان ڪان محروم آهي. عبيد زاڪاني پنهنجي دور جو وڏو شاعر ٿي گذريو آهي ۽ سندس فارسي نثر ۾ لطيفا ۽ نقل ملن ٿا، جيڪي تمام گهڻو مشهور آهن ۽ انهن ۾ بہ اصلاحي ۽ تنقيدي پهلو شامل آهي: مثلاً هڪ ڏينهن هڪ شخص، هڪ ڪمزور ۽ هيٺي خچر تي سوار وڃي رهيو هو. ڪنهن شخص هن ڪان پڇيو: "ڪيڏانهن ٿو وڃين؟" جواب ڏنائين: "جمع جي نماز لاءِ جامع مسجد ڏانهن وڃي رهيو آهيان." ان شخص چيو تہ "ميان! اڄ تہ اڱارو آهي، جمعو ڪٿي؟" ان شخص چيو تہ "ادا منهنجا، توکي ڪهڙي خبر تہ هن خچر تي جيڪڏهن ڇنڇر تي جامع مسجد جو منهن ڏسڻ نصيب ٿيو تہ پوءِ پاڻ کي خوش قسمت سمجهندس!"

هڪ ديواني ڪان چيائون تہ: تون پنهنجي پروردگار کي سڃاڻين ٿو؟ چيائين تہ: ڇو نٿو سڃاڻان؟ اهو جيڪو مون کي هميشه بکيو ۽ اگهاڙو رکي ٿو: جنهن منهنجو عقل ڦري ورتو آهي ۽ شهر جا ٻار مون تي ٻچي ڇڏيا اٿس ۽ مون کي هميشہ جي مصيبت ۾ مبتلا ڪيو اٿس!

اهڙي ريت ترڪيءَ جي ادب ۾ بہ لطائف ۽ ظرائف جو وڏو ذخيرو آهي، جنهن جو پس منظر اخلاقي ۽ اصلاحي آهي. ترڪ، ايراني ۽ سنڌ جا ماڻهو لطائف ۽ ظرائف ڪان زياده متاثر ٿيندا آهن، ڇو تہ انهن جي لطيفن، ٽوٽڪن ۽ مزاحيہ گفتار ۾ معنوي ۽ لطيف رنگ سمايل آهي. وتائي فقير جي لطيفن ۽

ٽوٽڪن ۾ بہ معنوي ۽ حقيقي رنگ ملي ٿو. انهيءَ لحاظ کان، هيءُ فقير اهل عرفان ۾ شمار ٿئي ٿو.

ترڪن وٽ وري ملا نصيرالدين لطائف ۽ ظرائف جي ڪري مشهور آهي ۽ انهيءَ فن جو ترجمان آهي. ملا نصيرالدين جي تاريخي يا نيم تاريخي يا فرضي شخصيت ترڪن وٽ ايتري تہ پسنديده آهي، جيتري ايرانين وٽ عبيد زاڪاني جي ۽ اسان وٽ وتايو فقير. ترڪن جي لطائف ۾ بہ اصلاح ۽ حقيقت جي اُپٽار ڪيل آهي، جيئن تہ: ”چون ٿا تہ هڪ ڏينهن ملا نصيرالدين وٽ ڪو مهمان آيو، مانُي کائڻ کان پوءِ مهمان موڪلايو. ملا کيس دروازي تائين ڇڏڻ آيو ۽ کيس عزت احترام سان الوداع ڪيائين. موڪلائڻ وقت مهمان، ملا کي چيو تہ: سندس پنڌ پري آهي ۽ کيس گڏھ سواري لاءِ ڏنو وڃي. ملا کيس جواب ڏنو تہ: وٽس گڏھ نہ آهي. ايتري ۾ سندس گهر مان گڏھ هينگون ڏيڻ شروع ڪيون. اهو ٻڌي مهمان وراڻيو تہ: ملا! اجايو ڪوڙ ڇو ٿو ڳالهائين، اهو گهر ۾ ڪير ٿو هينگون ڏئي! انهيءَ تي ملا نهايت سنجيدگيءَ سان جواب ڏنو: ”يائو! افسوس آهي، تون منهنجي ڳالهہ تي اعتبار نٿو ڪرين پر گڏھ جي هينگن تي ٿو اعتبار ڪرين!“

ڏٺو وڃي تہ هن لطيفي ۾ انسان ۽ گڏھ جي شرف ۽ ذات جي ڀيٽ ڪيل آهي جنهن ۾ اخلاقي پهلو بہ آهي؛ پر دلچسپي ۽ مزاح پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوڙ بہ شامل آهي. ساڳي طرح سان وتائي فقير جا ٽوٽڪا ۽ مزاحيہ نقل اصلي صورت ۾ بہ آهن تہ ڪن ۾ وڌاءُ ڪيل بہ آهي، تنهن هوندي بہ اخلاقي ۽ اصلاحي پهلو ضرور موجود آهي؛ جيئن چيو وڃي ٿو تہ وتائي کي سندس والده چيو تہ کائڻ لاءِ گهر ۾ اچين ٿو پر گهر ۾ ڪجهہ بہ نہ آهي، ڇو تہ ڪمائين نٿو. اهو ٻڌي هي درويش گهران نڪتو ۽ مسجد شريف مان قرآن شريف کڻي وڃي

وڻ تي چڙهي ويٺو ۽ خدا کي چوڻ لڳو ته: ”منهنجي روزيءَ ۾ جي ڪنو آهين ته رک قرآن شريف تي هٿ يا روزي ڏي!“ انهيءَ دوران هڪ اُٺ وارو اُتان اچي لنگهيو ۽ وتائي فقير جي گهر جو ڏس پئي پڇيائين. اُٺ تي هڪ ان جي ٻوري ٻه رکيل هئي. وتايو وڻ تان لهي آيو. هن کي وٺي گهر تائين پهتو ۽ ان جي ٻوري لهرائي رکيائين. ۽ والده کي چيائين ته: ”ڏنائين، پر ڪنڌ جو قسم نه کنيائين.“

اهڙي ريت وتائي فقير پنهنجي پر ۾ خدا سان راز و نياز يا شڪايت و شڪوه عارفانه نموني سان ڪيو آهي. سندس خراب گدري وارو نقل به انهيءَ قسم جو آهي، جنهن ۾ هو ٻڌائي ٿو ته ماڻهن وٽ خدا تعاليٰ جي نالي جي اهيمت ڪيتري آهي ۽ روڪڙ يا نقد پئسن جو قدر ڇا آهي! اهو انهيءَ ڪري آهي جو سماجي نظام ۽ انتظام ۾ عزت و عظمت پئسي واري کي آهي. ايتريقدر جو خدا تعاليٰ جو نالو به ماڻهن کي وسريو وڃي، حالانڪ اهو ڏاتار ۽ غني آهي، سندس اڳيان ٻي سڀ مخلوق فقير ۽ پينو آهي.

هن درويش پاڻ کي ”الله جو ماڻهو“ چوايو ته بيگر ۾ قابو ٿي ويو. بيگر جو بار برداشت ڪيائين، پر پاڻ کي بااثر ۽ ڪاڻڪو ماڻهن ڏانهن منسوب نه ڪيائين. اهو معاشري جي اوچ ۽ نيچ جو نتيجو آهي. جو سچا، مخلص ۽ ايماندار ماڻهو هر دور ۾ آزمائش هيٺ پئي رهيا آهن. وتائي جو فڪر، دانائي ۽ عرفان هر دور ۾ نئون آهي. جتي به ڌن دولت ۽ دنياوي جاه و جلال آهي، اتي ضرور ڪا بي انصافي ٿيل آهي ۽ بقول وتائي فقير جي ”هرڪو ٽانڊا هتان ڪڍي وڃي ٿو.“ سندس نقل، ٽوٽڪا ۽ مزاحيه فقرا عزت و ناموس، غيرت و حميت، انساني عظمت ۽ پنهنجي شناس جو شاهڪار آهن. اهي معاشري جي ناهموار حالتن جي عڪاسي ڪندڙ آهن. غريبن، ابوجهن ۽ يتيمن جا ترجمان آهن. بااثر، ڪاڻڪو، پاڙيدار ۽ بدڪردار اعمال ۽ حڪام جي نشاندهي ڪندڙ آهن.

صرف سوچ ۽ فڪر جي ضرورت آهي. سندس بصيرت افروز نڪتن جي معنويت ۽ اصليت ڏي نگاهه ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ بس!

●

اشــارا

لامبي، لامبو = وڏو تلاءُ. عمرڪوٽ جي قلعي جي پاسي کان هڪ وڏو تلاءُ هوندو هو. جنهن کي "لامبو" چيو ويندو هو. ان تلاءُ (لامبي) واري جڳهه تي هن وقت به هڪ کوهه موجود آهي، جنهن کي وتائي جو کوهه به چون ٿا. کوهه ڦٽي چڪو آهي ۽ ان کي ختم ڪيو پيو وڃي. اهو عمرڪوٽ جي اتر طرف ميرپورخاص — چور رستي جي لڳ آهي ۽ اتي هن وقت هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج جو گرائونڊ آهي.

(2) **بهلول:** سندس نالو وهيب بن عمرو ڪوفي هو. پنهنجي زماني جو صوفي، عالم، ڪامل، عارف ۽ اسرار الاهي جو ڪشف رکندڙ هو. سندس وفات 192هه ۾ ٿي.

(3) **عليان:** سندس اصل نالو علي هو ۽ بهلول جو همعصر هو. سندس نقل ۽ ٽوٽڪا عاقلانه ۽ عارفانه چيا وڃن ٿا.

غلام محمد لاکو

وتا ئي فقير تي تحقيق جي ضرورت

هر خطي، ملڪ، علائقي ۽ پرڳڻي جي تمدني، ملڪي، تهذيبي ۽ معاشرتي حالت الڳ الڳ ۽ نت نرالي ٿئي ٿي. ڪڏهن ته هڪ ملڪ ۾ جبر ۽ ظلم انتها تي پهچي وڃي ٿو، ته ڪ ڏهن وري ملڪي ماحول ۾ ماٺار ۽ امن امان توڙي آسودگي هجي ٿي. ان سڄي پس منظر ۾، قومن جي تهذيبي پس منظر جو تاڃي پيٽو نهي ٿو. دنيا جي تاريخ شاهد آهي ته هر دور ۽ زماني پنهنجي پنهنجي سماجي قدرن، لاڙن ۽ گهرجن آهر، ڪيئي مفڪر، دانشور، ڏاها ۽ مجذوب پئي پيدا ڪيا آهن. جيڪي ان دؤر جي پوري سماجي پس منظر جي نمائندگي ۽ نشاندهي ڪن ٿا. دراصل اهڙن پلن ماڻهن جي حوالي سان قومون سڃاپن ٿيون ۽ قومي اتهاس جو اپياس ٿئي ٿو.

انگلينڊ ۾ جوناٿن سئفٽن جو دور، سياسي ۽ معاشرتي خيال کان اطمينان بخش نه ٿو. مؤرخن هن دور جو احاطو هن ريت ڪيو آهي:

Though manners worse coase, politics scandalously corrupt, and the general Tone of Society brutal. The England of the early eighteenth century witnessed a resolute attempt in the direction of moral regeneration.

مئفٽ جو ڪتاب. ”گليورز ٽريولز“، هڪ طرف مزاحيہ ادب ۾ شمار ٿئي ٿو، تہ ٻئي طرف سندس دور جو نمائنده سماجي مطالعو پڻ هن جي سفرنامي ذريعي ٿئي ٿو، جيئن اسان کي ادبي مورخ ٻڌائين ٿا:

In the voyage to liliput, the English politics of the time, we have an exposure of infinite littleness and absurd pretensions of mane.

ان دور جي مايوس ڪن حالتن، سئفٽ کي اهڙي طبيعت بخشي جو کيس هر شيءِ جو صرف اونداهو پهلو نظر آيو ۽ اها سڄي ڪڙائي ۽ ترشي سندس تحرير ۾ پرجي آئي. ان ريت اسين چاسر جو نالو بہ کڻي سگهون ٿا، پر هو سئفٽ وانگر Pessimist نہ هو. چاسر جو ڪجهہ ڏنو، ان کي پنهنجي ڪتاب ”ڪئنٽري بري ٽياز“ ۾ بلڪل ائين تحرير ڪيائين. چاسر جو هي ڪتاب پنهنجي دور جي تهذيبي پسماندگي ۽ چرچ توڙي پادرين جي ڪريل ڪردار جي ڀرپور نشاندهي ڪري ٿو. سماجي مطالعي لاءِ چاسر جي شاعري وڏي اهميت رکي ٿي. يورپي توڙي انگريزي ادب مان ڀيا اهڙا سوين مثال وٺي سگهجن ٿا.

ٺيڪ ان ريت مشرقي معاشري ۾ پڻ ڪيئي طنزيہ نگار، مزاحيہ نويس ۽ ٻيا ان قسم جا فرد پيدا ٿيا، جن پنهنجي پنهنجي ملڪ جي حالتن متعلق ٽوٽڪا چيا، شعر چيا ۽ ڪتاب لکيا. ترڪي ۽ ايران ۾ بہ اهڙا فقير پيدا ٿيا، تہ هند ۽ سنڌ ۾ پڻ! مغليہ معاشري ۾ بيربل ۽ ملا دوپيازه جا قصا ان دور جي سماجي اپياس جو مظهر آهن.

انساني سياءَ جي ان وهڪري ۾ رُخ ڪان سنڌ ڪنهن پر به ڪٽيل نه هئي. ابتدائي دور ۾ سومرن جي سلطنت دوران سمنگ چارڻ، اروڙ جي حاڪم همير جي سٽ ۾ هجوَ هن ريت ڪئي هئي.

ستيــنءَ هو سوجھرو، انينءَ تي اونداهه
هميــراڻي باهه، وســاڻــي ورهــين ڪي!

يعني ته ست پيڙهيون دلووراءِ ڪان پونگر تائين ملڪ روشن هو، پر انين پيڙهي "تعمير" تي اچي اونده تي وئي. ان ريت سچل سرمست ۽ شاهه لطيف رحه پڻ پنهنجي پنهنجي دور ۾ سماج جي قدرن ۾ لاڙن جي ڪتي چتيءَ طرح ته ڪتي دبيل لفظن ۾ نشاندهي ڪئي آهي. سچل چوي ٿو:

ڪٿان ته ڪافــر، مــاٺ ڪــيــان ته مشرڪ
انهيءَ وائي ور، سمجهي ڪو سچيڏنو چوي!

سنڌ جي بزرگن تمام آڳاٽي زماني ڪان، شعر ڪان علاوه نثر ذريعي پڻ پنهنجي پنهنجي دؤر جي نمائندگي ڪئي آهي. ڪڏهن قصن ۾ ڪهاوتن جي روپ ۾، ته ڪڏهن وري ڳجهارتن ۾ ڳاهن جي صورت ۾، ته ڪڏهن ٽوٽڪن ۾ گفتن جي شڪل ۾! هنن بزرگن مان هيل تائين صرف "وتايي فقير" جو نالو محفوظ رهيو آهي، سو پڻ سندس گفتن جي شڪل ۾.

وتايو فقير بجا طور تي سنڌ جي تاريخ ۾ ادب ۾ پنهنجي دؤر جي پرپور نمائنده شخصيت آهي. ڏک ته هي آهي جو هن فقير متعلق ڪي بنيادي ڳالهيون پڻ اڃان اخفا ۾ آهن. فقير جو حسب نسب ڇا هو؟ سندس اصلي ۽ صحيح نالو ڇا هو؟ سندس ڪهڙي مذهبي فرقي سان واسطو هو؟ سندس تعلق سنڌ جي ڪهڙي خطي سان هو؟ پاڻ ڪهڙي دؤر ۾ ڄائو، نپنو ۽ وفات ڪائين؟ مير علي شير قانع "تحفت الڪرام" ۾ هڪ مجذوب وتايي فقير

ڇيائين تہ امان باهہ ڪٿي بہ موجود نہ آهي. سو وچان ٿو دوزخ مان چوچڙي ڪٽڻ: اٿين چٺي وري ٻاهر نڪري ويو. جهٽ ڪن بعد ڪلندو ٽپندو گهر ۾ داخل ٿيو. ماڻس پڇيس تہ ابا ٽانڊو مليو: جواب ڏنائين تہ امڙ نہ. دوزخ ۾ ويس تہ اتي ملائڪ مون تي ڪلڻ لڳا تہ هتي باهہ ڪٿي؟ الله پاڪ ڪو بئيءَ وارو يا نانوائي تہ نہ هيو جو باهہ جا ڪورا يا تنور ٻاري ويهي پنهنجي مخلوق کي پچائي. هاف فراءِ ڪري. هتي تہ هرڪو ماڻهو پنهنجي. آڳ جي ڪوٽا پاڻ سان ڪنيو ايندو آهي، جا باهہ هو لوڀ لالچ، حسد بغض ۽ نفرت ذريعي پنهنجي لاءِ جمع ڪندو ٿو رهي. هتي اچي هر انسان پنهنجي باهہ جي پونجيءَ ۾ پاڻ ٻرندو ۽ پڃرندو ٿو رهي.

رستي هلندي هڪ هنڌ ويهي وتائي گهل گهوڙا شروع ڪئي. سندس رڙين تي ماڻهو اچي مڙيا. پڇيائون تہ خير تہ آهي جو دانهون پيو ڪرين؟ وتائي پير متي ڪري ڏيکاريو، جنهن ۾ هڪ سنهڙو ڪندو چڀيل هو. ڪنهن ماڻهوءَ چهنڊي وجهي چپٽيءَ سان ڪنڊو ڪڍي ٻاهر اڇليو. ماڻهو متس هيٺ ڦيٽ شروع ڪئي تہ درويش ڪجهہ پاڻ کي هٿ ڪر، هن ذرڙي ڪنڊي لڳڻ تي ايترو آسمان اچي متي تي ڪنيو اٿيئي، وتائي چيو تہ توهان ماڻهن کي آسمان واري جي عادتن جي ڪهڙي خبر؟ جي اڄ آءُ ان ڪنڊي لڳڻ تي رڙيون نہ ڪريان ها تہ سڀاڻي هو هڪ اهڙو ڀالو ٻڇي ڇڏي ها جو نڙگهٽ کان ٻست پار هجي ها. چيو ڪونہ اٿائين تہ "آءُ انسان کي سندس وت کان وڌيڪ تڪليف نہ ڏيندو آهيان". صبر اختيار ڪري پنهنجي برداشت جي طاقت وڏي هئڻ جي ڪيئن نمائش ڪريان ۽ پاڻ تي وڌيڪ مصيبت نازل ڪرڻ لاءِ دعوت ڏيان؟

اسان وٽ عام طور ڪنهن ماڻهوءَ جي لحاظ، قدر ۽ سڃاڻپ جي فوٽڪٽي آهي. سندس رتبو، مال املاڪ ۽ ظاهري ڏيک ويک. وتائي وٽ هو

چا، جو ڪيس ڪو ڪنهن مان مرتبي يا ـ آڏرياءُ لائق سمجهي. اسين سچي ماڻهوءَ کي سلهه جو مريض سمجهي ڪائونس ٽارو ڪندا آهيون. ته مبادا سندس سچائي اسان کي نه وچڙي وڃي. سو جڏهن وتايو ڪنهن عام دعوت ۾ وڃي شريڪ ٿيو، جتي خلق ويٺي خيرات کاڌي، ته سندس ڦاٽل ڪپڙا ڏسي ڪيس لوڌي ٻاهر ڪڍيو ويو. گهر وڃي ٻياءُ جا ڏوٽل ڪپڙا پائي وري اچي ساڳي دعوت ۾ شريڪ ٿيو. سمجهائون ته ڪو معزز ماڻهو وارد ٿيو آهي. چلمچي کڻي سندس هٿ ڌوئاري ٻوڙ پلاءُ اچي آڏو رکيائونس. بجاءِ نوش جان ڪرڻ جي، وتايو ٻوڙ ۽ چانور جا چمچا پيري قميص ۽ سٿڻ مٿان هاريندو رهيو ۽ ڪپڙن کان مخاطب ٿي چوڻ لڳو ته "مهماني اوهان جي آهي، کائو ۽ خوب کائو." مون کي ته لتون هڻي ٻاهر ماڻيو هٿائون.

سڄي عمر "توڪل" تي گذران ڪيائين. ڏٺائين ته پکي پکڻ کان ويندي جانورن تائين ڪنهن به سياڻي لاءِ تمرجمع نه ٿي ڪيو. انسان هڪڙوئي جانور هيو جنهن جو مالڪ جي رزاقيءَ تي ڀروسو گهٽ هيو. حالانڪ هن هام وڏي ٿي هڻئين. وتايو ته رات جو پاڻيءَ جو گهڙو به هاري پوءِ سمهندو هيو، ته صبح جو سائين، جڏهن انهن کي اڳ ۾ ئو ڏئي، جن کي نه ڏاند هيو ۽ نه ٻج، ته پوءِ آءٌ ڇا لاءِ ويٺو وسوسا ڪيان. جو ڪجهه ملندو هيس اهو به ٻين حوالي ڪري ڇڏيندو هو.

هڪ دفعي ڪنهن ماڻهوءَ روڪ روپيه ڏنس جو وٽي ڦاٽو. ڪڏهن ڀهراڻ جي پلوَ ۾ ٿي ٻڌائين ته ڪڏهن ورم ۾ ٿي وڌائين. آخرڪ ٿي رستي جي هڪ سڪي وڻ جي پاڙ ۾ پوري ڇڏيائين، ڪنهن ماڻهوءَ کيس ڏسي ورتو. وتائي اجان پٺ مس ڏني ته هن پاهوڙا کڻي اچي کوٽائي شروع ڪئي. ڀهرين ٿي لپي ۾ ربيو مليس. سمجهائين ته خزانو ته اجان هيٺ هوندو. پوءِ ته وڻ پاڙون پٽي

ساهه پتائين. وتايو شام ٽاٽي اچي ڏسي تہ وڻ جڙ کان اکڙيو پيو هو. ٿهڪ ڏيئي پاڻ کي چيائين تہ "ڏٺيءِ، جي روپيہ ڪجهہ وقت اجان بہ رکين ها تہ ان وڻ جيان اونڌو ٿيل هجين ها."

وتائي جي لطيفن جو ڪجهہ حصو 'موت' متعلق آهي. ڏسجي ائين پيو تہ وتائي جي ملڪ الموت سان گهاٽي ياراڻي هئي ۽ شايد اهڙي اڪير سنبب ڪيس ور ور ڪري ياد پئي ڪيو اٿس. پر عام ماڻهو موت کان ڇا لاءِ ٿي ڇرڪيا؟ اهو ڪيس سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو. موت تہ پنهنجي جاءِ، پر ڪنهن کي فقط ڇرچي ۾ ڪراڙو يا ٻڍو ٿي سڏيو ويو تہ اهو بہ کين سخت ناگوار ٿي گذريو. حالانڪ "موت" هڪ حقيقت هئي جنهن لاءِ سورنهن آنا ۽ سؤ في صدي خاطري هئي ۽ دنيا جو باقي ڪاروبار تہ صرف ٻہ ٽي سڏ ٿي يا گسٽي پٽي ٿي ٿي هليو. موت هر ماڻهو لاءِ اٽل حادثو هو ۽ فقط ان ماڻهوءَ وٽ نہ ٿي آيو، جو اجان ڄائو ئي نہ هو. جي ماڻهن موت جي ڪيڪر نٽي ڪئي يا در آئي سندس آڌرياءُ نہ ڪيو، تہ نہ سهي، پر مٿس غم رنج ۽ غصو ڇا لاءِ ٿي ڪيو ويو؟ "موت" تہ زندگيءَ جو ڏاج هو ۽ ڪا گار تہ نہ هئي. جو ڪنهن جي ڪاوڙ لاءِ سبب بڻجي. وتائي، پاڻ تہ موت کي ڇوٽڪارو سمجهي سندس اوسيئڙو ٿي ڪيو. موت تہ "ڇولو" مٺائٽو هو ۽ وتائي جي ڇولي ۾ تہ اڳي ئي ڇتيون لڳل هيون.

هڪ ڀيري وتائي ڳوٺ جي دڪڻ وٽ وڃي سوال ڪيو تہ امڙ جي ڪٽولي پچي پيئي آهي جيڪر هلي ٺاهي ڏين تہ مهرباني ٿيندي. واڍي روکڙ جواب ڏنو. "وتايا اڄ واندو نہ آهيان، واندو ٿيان تہ هلي جوڙي ڏيندس." هو هر دفعي اهڙي ڪن ٽار ڪري وتائي کي لنوائيندو رهيو. هڪ ڏينهن وتائي ڏٺو تہ ڪو جنازو ڪنيو ٿي ويا. پڇڻ تي پتو پيس تہ ساڳيو دکڻ گذاري ويو هيو، جو سدائين مشغول رهندو هيو. وتائي ڊوڙي جنازي جو اڳ وٺي هڪل ڪيائين تہ "ادا واڍا!

اڄ تہ پڪ واندو هوندين. نويڪلو ڪٿ تي آرامي آهين، هاڻ تہ هلي ڪٿولي ٿاهي پنهنجو واعدو پاڙ".

سومر سپايو وتائي جو پاڙيسري هيو. نهايت نيڪ نمازي هيو. پر ڪيس هميشه اها شڪايت هوندي هئي تہ ملان سومهڻي جي نماز پڙهائڻ ۾ ڏادي ديگهہ ٿو ڪري. وتائي کي جڏهن خبر پيئي تہ سومر سپايو اڄ صبح جو گذاري ويو تہ ٿڌو ساهہ کڻي چيائين تہ: "چڱو ٿيو جو مري سومر هاڻ سومهڻي واري نمازجي سورن کان تہ ڇٽي پيو."

ڪنهن ماڻهو ڪهل آڻي وتائي کي جُتي وٺي ڏني جا ٻئي ڏينهن تي ڪو شاهينگ چورائي ويس. وتايو وڃي مقام جي لنگهہ تي ويهي رهيو تہ "ڇي: چورجو اڳ ٿو وٺي ويهانس. اڄ نہ سياڻ ضرور هتي اچڻو اٿس." حالانڪ ڪيس خبر هئي تہ مقام ڏانهن پاڻهرتو ڪوئي بہ پنڌ ڪري نہ ايندو آهي، پر ٻيا ماڻهو ڪيس ڪٿ تي چوڪنيو سلهاڙي کڻي ايندا آهن. ان کان علاوه مردي کي غسل ڏيڻ بهاني سندس تلاشي وٺي، سندس لٽا ڪپڙا لاهي، ڪيس هتين پيرين خالي آڻي ڏڏڙ داخل ڪندا آهن. پوءِ جتيءَ جي واپسيءَ لاءِ آسرو ۽ انتظار بيڪار هو. پر شايد وتائي ماڻهن کي موت جي يادگيري تازي ٿي ڪرائي تہ اڄي پوءِ هي فاني جهان هتين خالي ڇڏڻو آهي ۽ پوءِ مال متاع جي هيراقيري ۽ چوري اجائي هئي.

موت کان ماڻهن جو ڇرڪڻ ڪنهن حد تائين واجبي پڻ هيو. ڇاڪاڻ هڪ تہ موت هر انسان جو پڇيءَ جيان پيرو ڪنيو ئي ڪڏ گهميو. ٻيو وري انڌي هاٿي جيان نہ ٿي ڏٺائين مند يا موسم ۽ ازغيبي اچي ٿي ڪنڌ تي ڪڙڪيو. پر الله پاڪ، جو خالق ۽ رزاق هيو ۽ رحمان الرحيم هيو، تنهن کان ماڻهو ڇا لاءِ ٿي ڊنا. هو ڪو اجگر ازدها يا مانگر مڇ تہ نہ هيو جو ڪنهن کي هڙپ ڪري

ڳڙڪائي، هو تہ پڙدي پوش ڍڪٺهار هو ۽ صاحب رب ستار ۽ غفار هيو ۽ انسان جو اڪيلو اجهو ۽ آسرو هيو. پوءِ اهڙي محسن مالڪ کان خوفزده ٿيڻ جو ڪارڻ؟ هي برابر آهي تہ سندس نوانوي نالن ۾ هيڪڙ ٻيڪڙ صفتون اهڙيون بہ هيون جن ۾ قهر ۽ جبر يڪيو ٿي. ليڪن الله جي اها ڏاڍ مڙسي فقط ڏاڍن ڪي ڏارڻ ۽ اوچي ڳاٽن ڪي نوائڻ خاطر هئي. عدو موچين، عثمان حجمن ۽ سومر نانوائن ڪي اهڙي الله سان ڏيٺ ويٺ ڪرائڻ جو اُدم ٿي ڪيو. جو فقط غريبن جو رب هو ۽ آسمان تي نہ پر زمين تي حاضر ناظر هيو. هو پاڻ بہ غريبن جيان غريب هيو، معصوم هيو ۽ اڻچاڻ هيو. اڻچاڻ بہ اهڙو جو ڪيس ڳڏهہ ۽ ڳانءِ وچ ۾ فرق جي خبر بہ خير ڪا هئي.

وتائي ڪي ڪنهن سخي مرد هڪ ڪراڙي ڳئون تحفو ڪري ڏني. وتائي ڳئون ماتا جي ٽهل ٽڪور تہ گهٽي ئي ڪئي، پر ڪمن ڪنير جي ڳڏهہ روزانو رات جو اچي ڳاهہ پنو ڪائي وتاڻ ٻهاري هلي ويندي هئي. آخر ڪڪ ٿي وتائي هڪ ڏينهن هٿ کڻي الله کي عرض ڪيو تہ مالڪ ڪنن واريءَ کي مار تہ سڱ واري جي جان ڇٽي. صبح جو ڏٺائين تہ سندس ڳئون مئل پيئي هئي. پنهنجي اکين تي اعتبار نہ ڪندي هڪ انڌي ڪي گهروٺي اچي ڪيس ڇيائين تہ هي جانور تہ سچاٽي ڏي، نابين هٿوراڙيون ڏيئي فتويٰ ڏني تہ هي جانور ڳئون هئي. وتائي ڪلي چيو تہ ”الله کي اها خبر بہ ڪانهي، دعا ضرور اگهايائين، پر ڪنن واري ۽ سڱن واريءَ وچ ۾ تفاوت جي ڄاڻ بہ ڪانہ پيس.“

وتائي جو واسطو ان اٻوجهہ ۽ مسڪين عوام سان هيو جي فصيح و بليغ عالمانہ فلسفن کي سمجهڻ کان لاچار هئا. کين پنهنجي سوچ ۽ سمجهہ آهر هڪ سادي سودي ۽ سليس نسخي جي لوڙ هئي. قبر ۽ قيامت جي عذاب ۽ دوزخ جي دڙڪن کان ڊنا ضرور ٿي، ليڪن هي سمجهي نہ ٿي سگهيا تہ سندن

قصور ڪهڙو هيو؟ هو ڪو نمرود، شداد ۽ فرعون ٿورو ئي هئا. هو تہ اڳي ئي غريب، مسڪين ۽ اڪن تي پارو هئا، جن زندگيءَ ۾ بہ ويلا پيٽ پري بہ ماني مشڪل کاڌي هئي ۽ ڏؤجي اوڳرائي ڏني بہ ڪين سال گذري چڪا هئا. هنن هڏ ٺنڊي ڙات ڏينهن ـ تتيءَ تڏيءَ هلندي نانگ ويچون تي لتاڙيا. هيءَ دنيا وري سندس لاءِ ڪهڙو بهشت هئي؟ پوءِ اهڙن اپيپاهن کي ڊيڄاري سندن ساهہ ڇا لاءِ تي سڪايو ويو؟ جيڪڏهن ڪين هڙانَ نہ تي ڏنو ويو تہ ساٿن ڪو وڙ تہ ڪيو وڃي. وتائي ساٿن اهو وڙ ڪيو. ڪيسي جو سخي تہ نہ ٿي سگهيو، پر زبان جي سخا ۽ ڪا ڪنجوسي نہ ڪيائين. اهڙي پيار ۽ پريم جو پرچار ڪيائين جو خوف کان بلڪل خالي هيو. اهو بہ اهڙي منڙي نموني جڻ ٻار تي پرچاياڻين يا رُنل تي سرچاياڻين. ڇي قبر کان ڪهڙو ڊپ؟ هوءَ تہ مائي مٽي هئي. انسان کي پناهہ تي ڏنائين ۽ سندس لڄ ۽ آبرو تي رکيائين. جمڻ کان اڳ ماءُ جو پيٽ ۽ مرڻ بعد امڙ مٽيءَ جو پيٽارو. دوزخ تہ پاڻ وڃي رويرو ڏسي آيو هو. هتي ڪا آڳ نہ هئي، اوهان فقط هن دنيا مان باهہ لاءِ سامان جمع نہ ڪيو. پاڻ تي ڪو "الزام" نہ ڪٺو ۽ قدرت کي سزا لاءِ ڪو بهانو نہ ڏيو.

ڪنهن ماڻهوءَ وتائي تي وار ڪرڻ لاءِ متس لٺ اولاري، وتائي وائڙو ٿي پڇيو تہ ايڏي ڪاوڙ ڪهڙي قصور؟ لنباز وراڻيو تہ "تون پاڻ چوندو آهين تہ هٽي هٽائي پاڻ الله ٿو، پوءِ مون کي بہ اهڙو حڪم ڪيو هونداڻين." وتائي ٽهڪ ڏيئي چيو تہ "الله کي واڻيو مارڻو هوندو تہ هر حال ۾ ماريندو، پر مورک تون پاڻ تي "الزام" ڇا لاءِ ٿو ڪٺين."

هڪ ڀيري وتائي جي گهر ۾ کائڻ لاءِ ڪا شيءِ ڪانہ بچي. ماڻس چيس تہ ابا مون کي تہ ڪو اٽو بہ اڌارو نہ ٿو ڏئي، تون ڪو بلو پيٽي ڪر. وتائي چيو تہ امڙ فڪر نہ ڪر، رزق جو ٺيڪو پاڻ ڪنيو اٿس وڃي ٿو ان ٺيڪيدار کي

ٻچيءَ کان وٺان. خالي ۽ قاتل ڳوڻ کڻي هڪ پير جي وڻ تي چڙهي مٿي منهن ڪري هڪل ڪيائين ”مون جيان جيڪڏهن تنهنجا به خزانا خالي ٿي ويا آهن ته پنهنجي ڏيوالي هئڻ جو اعلان ڪر، ته آءٌ ڪو پئي جو در تاڙيان. ورنه اُن جي ڳوڻ پري ڏي جو امڙ تي انتظار ڪري.“ اچان وڻ تي ٻيئي الله سان حالي احوالي ٿي ٿيو ته ڪنهن ڪهل آڻي ٻاچڪو اتي جو پري هيٺ اچي رکيس. وتايو اٿو ڪٺي امڙ وٽ آيو ته چيائين ته ”اڄڪلهه پيهائي ٿو ڏئي ۽ اچان ڀي چار منٽ ترسان ها ته پچائي به ڏي ها.“

وتايو انهن سيلاني درويشن مان هڪ هيو جي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ انسانيت کي آٿت ۽ ڏڍ ڏيڻ لاءِ وقت بوقت پئي ايندا رهيا آهن. جيئن يونان جي ڊايو جينس، ترڪيءَ جو ملان نصيرالدين ۽ ايران جو شيخ چلي. اهو سلسلو صدين کان هلندو ٿو اچي. دنيا جي هر دور ۾ ڪونه ڪو درويش اهو ورثو سنڀاليندو ۽ جاري رکندو ٿو رهي. پير ڳوٺ وارو آندو فقير ۽ خيرپور جو فولاد فقير به ساڳئي زنجير جون ڪڙيون ٿيون ڏسجن. هن قسم جي درويشن جي انت ۽ ٻحر جي ڪا ڪل نه آهي. هو هردم پنهنجي حال ۽ قال ۾ مست الست رهن ٿا. هو نه بنده خدا ٿا ڏسجن. ڇاڪاڻ ته هو مذهب جي احڪامن جي ڪا پيروي نه ٿا ڪن. نه بنده خدا ٿا ڏسجن، نه بنده زمانه. جئن جو زماني جي هر تعلق ۽ تقاضا کان بلڪل آجا ۽ آزاد آهن. شرعي اعتبار کان هي درويش دين ۽ دنيا جي دائرن کان ٻاهر آهن.

مستن ۽ مجذوبن جيان اهڙن فقيرن جي ڪڍ لڳڻ يا سندن نقش قدم تي هلڻ هڪ سراسر ناداني ٿيندي، ڇاڪاڻ ته جڏهن هو ڪنهن تي راضي ٿي دعا ڪندا ته وڏ ۾ وڏ ڪيس پاڻ جهڙو مست ملنگ بڻائي ڇڏيندا. جو صورتحال هڪ ذميوار انسان لاءِ هرگز قابل قبول نه ٿيندو. هو غير ذميوار بي جوابدار ۽ بي

لغامَ "الله لوڪ" آهن. ڪين نہ گھر نہ گھاٽ، نہ رن نہ روڄڙي ۽ نہ مٽ نہ مائٽ، آئتا نپتا. آئي تہ ڪاڏي نہ تہ الله واهي. آخر اهي ماڻهو ٺهڪ نہ ڏيندا تہ ٻيو ڪير کُلندو؟ هيءَ ٻي ڳالهہ آهي تہ سندن معنيٰ خيز "مُرڪڻ ۽ مشڪڻ" هر زماني جي دلگير ۽ ڏنل آدم ذات لاءِ هڪ دلداري ۽ دلاسو ۽ درس ثابت ٿئي ٿو. اڄان بہ جيڪڏهن ائين چئجي تہ وتايو ۽ سندس طريقي وارا فقير ڪنهن بہ انساني درد جي ڪا دوا نہ آهن. اِلبت هڪ قسم جي روحاني "ائسپرو" جيان عارضي طور انسان جي درد سري ۽ ٿڪاوٽ دور ڪري ڪيس آٿت ڏيئي تازي دم ڪن ٿا ۽ بس.

فضل احمد بچاڻي

وتائي فقير جي پچار

وتايو فقير، جو رڳو ڪن مزيدار ٽوٽڪن جي ڪري چرچائي ۽ ٻوڏائي مشهور آهي، تنهن سان قدرت جي جاڙ اها ٿي، جو هو هتي سنڌ ۾ ڄاتو ۽ درويش مان، ٻوڏائي مشهور ٿيو. نه ته هن جي بيان ڪيل هر ڳفتي پويان حڪمت، دانائي ۽ معنيٰ مطلب جا دفتر لڪيا پيا آهن. پر جي ڪو پارکو پرکي ۽ ويچار توڙي قدر ڪري تڏهن هن فقير جا لايا سجايا ٿين. هاڻي هن سيمينار ۾ جي وڏا وڏا مدبر اچي هن جي سار پچار ڪندا ته شايد اسان جي سوچ جو رخ بدلجي سنئون ٿئي ۽ اسين هن کي صحيح نظر سان ڏسون ۽ ورتائون.

هي فقير، جنهن جي خدا جو ئي قدر ايترو ٿيو جو هن (خدا) جي نالي تي هڪ ڦتل سڙيل ڳدرو مليس ۽ ٽڪي جي عيوض سڄو سارو مٺو ڳدرو، سو پنهنجي قدر منزلت لاءِ يقيناً ڳهٻو شاڪي نه ٿيو هوندو. نه هن کي سنڌ جي "مشاهير" جي فهرست ۾ شامل هئڻ جو شوق هوندو هو. هو ته هڪ سچو ماڻهو، جيڪي سچ هو سو منهن تي ڦهڪائي ڪڍيائين. دنيا جي دولابن کي پليءَ پٺ سهي ڪري ويو هو. ان ڪري مايا جي موه ۾ نه ڦاٿو ۽ درويشي جي دلق پائي حياتي ۾ پنهنجي ذات جو قرض چڪائي ڇڏيائين، نه ته جي اهڙو ئي مسخرو يا ٻوڏائي هجي ها ته وقت جي حاڪم يا امير جو درباري ٿي خوب مايا ميڙي ها ۽ ڍءُ ڪري کائي ها. اسان جي وڏي مسخري اها آهي جو هن الله لوڪ سچي انسان کي مسخرو ڪري ٿا مڃون. افسوس آهي جو اسان جي مشاهير جي لسٽ ۾ هن بزرگ جو نالو ئي ڪونهي.

وتايو پنهنجي دؤر جو هڪ احتجاج هو. سراپا احتجاج سماج جي انيائن خلاف، فطرت جي انگلن خلاف ۽ سرڪارن سرمائيدارن جي استحصال جي خلاف. هن جي هر گفتي هر ٽوٽڪي مان انهي استحصال جي خلاف احتجاج ۽ شڪوي جا اکر ملن ٿا. پوءِ جي هن جي بيان جي انداز ۾ پوڳ آهي، سٽ آهي يا Satire آهي ته اهو هر دور جي مرد قلندر، امام يا نيم پيغمبر جو وطيرو رهيو آهي. جو پنهنجي فڪر ۽ احساس کي پنهنجي ذات جي آهر پنهنجي مخصوص انداز ۾ بيان ڪندو آهي. ڪو شعر ۾ ڪو قصي ڪهاڻيءَ ۾ ڪو گفتن ۾. وتائي پنهنجي ذات جي اظهار جو اهو عوامي ۽ اثرائتو انداز اختيار ڪيو جو دانائيءَ جي نڪتن کي ان ريت قبول عام ڪيائين. ان لحاظ کان به هو هڪ تحريڪ هو. حقيقت ۾ حڪمت ۽ دانائيءَ جي مطلب ۽ مقصد وارين رمزن کي مختصر کان مختصر مگر جامع لفظن ۾، دلچسپ کان دلچسپ مگر سنجيده پيرائي ۾ بيان ڪرڻ ۽ ان جو اثر جڳن تائين قائم رکڻ جو هڪ وڏو ڪمال آهي. جو وتائي جهڙن چند دانائن کي مس نصيب ٿيو. جيڪا ڳالهه وتائي جي هڪ ٽوٽڪي مان معلوم ٿئي، سا ڪو ڪتاب پڙهڻ مان مس ملي، جڏهن اهو پوري دلچسپي سان پڙهيو ۽ پرجهيو وڃي. وتايو انهن اپوجهن جو ساٿ سرواڻ هو جي پڙهي نه ڄاڻندا هئا. وتائي علم عرفان جي جويائن جو ڪم سولو ڪري ڇڏيو آهي.

هن فقير سان هڪ ظلم هي به ٿيو جو سندس حسب نسب، ڄم ۽ موت جي وقت ۽ تاريخ ۽ هن جي حقيقي بود باش ۽ ڪرت ڪمن جي ڪا تحريري ياد داشت نه رکي وئي، ان ڪري هن جي حقيقتن جو حال فقط انهن روايتن ۽ زباني بيانن مان معلوم ٿئي ٿو جي هڪ کان ٻئي تائين منتقل ٿينديون آيون آهن. نتيجي طور انهن روايتن ۾ گهڙت به آهي، وڌاءُ به آهي، قطع بريد ۽ مبالغو به

آهي. راويءَ جي هميشه ڪان اها ارڏائي واري عادت رهي آهي جو ٻڌندو چوڻ واري جي ليکي آهر ۽ بيان ڪندو پنهنجي مرضيءَ آهر. پوءِ هڪڙو نالو، هنڌ يا نڪتو وسري ويس تہ پنهنجي من ماني ڪري ڪو ٻيو نالو، هنڌ ماڳ ۽ بيان ان سان ملائي ڳالهہ ٺاهي ويندو. توڙي هر چرچائي گفتي کي مرضيءَ آهر بيربل ۽ اڪبر سان ڦهڪايو آهي يا گامو سچار سان، ملان نصير يا شيخ چليءَ سان نہ.

تہ ٻہ وتائي فقير سان ملائڻ ۾ تہ ڪو اهم ڪونهي. جيئن خدا ۽ بندي جي هر ڳالهہ کي لازمي طور حضرت موسيٰ عہ سان منسوب ڪيو ويندو آهي. وتائي فقير جي انهن گفتن مان، جي فقط سندس نالي سان منسوب آهن ۽ جن گفتن ۾ حڪمت ۽ دانائي جا مطلب آهن، ثابت آهي تہ هو زيرڪ ۽ سياڻو انسان هو. دنياداري جي غلاظتن کان پاڪ هو ۽ سچو ۽ کرو هو. باقي جن گفتن ۾ رڳو ٺوڪ، چٽر ۽ مسخري آهي، سي يقيناً هن تي محض مڙهيا ويا آهن. ڪنهن ڪتاب جي ضخامت وڌائڻ لاءِ يا پنهنجي بيان کي طول ڏيئي وزندار بنائڻ لاءِ يا ڪچهريءَ جي وقت سان ڇڪي تاڻي پورو ڪرڻ لاءِ. نہ تہ جيڪو درويش دوزخ جي وصف اها ٿو بيان ڪري "اتي اڱ موجود ڪا باهہ ڪانهي، بلڪ هرڪو ماڻهو پنهنجن بد عملن جي باهہ پاڻ سان کنيو ٿو اُت اچي." سو ائين ڪيئن ٿو چئي سگهي تہ ـ "الله ڪري تہ سيوئين جو مينهن پوي ۽ ڳوٺ جا سڀ ماڻهو مري وڃن ۽ رڳو آءٌ ۽ امان ويهي سيويئون ميڙي گڏ ڪريون. پوءِ امان بہ مري وڃي ۽ رڳو آءٌ ويهي سيويئون کاوان."! هن درويش تي اهڙا ڪيئن بهتان مڙهيل آهن، جن جي ڇنڊڇاڻ ٿيڻ کپي. هاڻي اُميد ٿي آهي تہ هن درويش بابت تلاش ۽ تحقيق جو دروازو کلندو.

وتايو فقير مسجد ۾ منائيءَ جو ٿالهہ ورهائيندي ڪنهن کي ٻڪ پري ٿو ڏئي، تہ ڪنهن کي ڇپٽيءَ جيتري ۽ ڪنهن کي چار ڪٽا ٿو ڏئي، تہ ڪنهن

ڪي چڙن ۽ ڪنهن کي ڏکو ڏئي ٿو ڪڏهن، تہ گويا انهيءَ "خدائي ورهاست" جو هڪ دلچسپ ۽ سهڻو مثال ڏئي عملي طور پيو سمجهائي، جنهن جي خود انهيءَ رازق رب رحيم بہ دعويٰ ڪئي آهي تہ "والله فضلڪم بعضڪم علىٰ بعض في الرزاق" (سوره النحل، آيت 71) منائي ورهائڻ وارو تاڪيد ڪيو هوس تہ اها جماعتين ۾ خدائي اصول تي ورهائي. تنهن تي وتائي اٿين ڪري خدا جي ورچ جو هڪ حڪيماڻو نڪتو سمجهايو. هو بيشڪ فهم ۽ سڃاڻپ جو صاحب هو. سندس ڪنهن بہ ٽوٽڪي سان ٽرڙپائي يا هلڪي طبع جو ڪو اهڃاڻ نٿو ملي. اهڙو ماڻهو سانگ وجهي ماڻهن کي کلائڻ ۽ وندرائڻ وارو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ ڪٿي جو ڪي مرد قلندر حاڪمن ۽ اميرن جي عتاب کان پنهنجي ڪل بچائڻ جي خيال کان احتجاج، سٽ ۽ نڪتہ چيني جي اظهار لاءِ بيان ۽ اظهار جا اهڙا روپ اختيار ڪندا آهن، جو ڳالهہ جو مطلب بہ ماڻهن تائين پهچي وڃي ۽ حاڪمن کي ڪاوڙ جو ڪو نڪتو نہ ملي، ويتر هو پاڻ بہ في الوقت وندري وڃي. پر وتائي درويش سان اهو دليل لاڳو نٿو ڪري سگهجي تہ بہ هن بابت هيترين روايتن ۾ ڪا هڪ اڌ روايت اهڙي بہ ضرور آهي جنهن مان هن جو ڪنهن دربار سان ڪو موافقاڻو يا مخالفاڻو تعلق يا ٽڪراءُ ضرور ثابت ٿئي ها.

وتائي فقير جي پنهنجي خدا سان شڪوه شڪايت ۽ هن سان عارفاني حجت ضرور ثابت آهي، جو دراصل انهيءَ حقيقت جي عڪاسي ڪري ٿو تہ وقت جي معاشري جو پنهنجي خدا ۽ سندس بندن سان ورتاءُ ڪهڙو هو. جي هو ڦٽل گدري جي ڳالهہ تان يا پوليس جمعدار جي گهوڙيءَ جو ڦر ڪٽڻ جي ڳالهہ تان خدا سان مخاطب ٿي ڪجهہ چوي ٿو تہ اها اصل ۾ وقت جي، نظام ۽ معاشري جي هلت تي نڪتہ چيني آهي تہ ڪي بندا پنهنجي خدا جو قدر نٽڪي پئسي جيترو بہ نٿا ڪن ۽ ڪي بندا غريب ۽ هيٺين ماڻهن سان ڪيڏو ظلم ٿا روا رکن.

حضرت شاھ لطيف عليہ رحمت جي والد حضرت شاھ حبيب سان وتائي فقير جي صحبتن جي روايتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ھو ڪلھوڙن جي دور جو سنڌ ۾ مغلن جي حڪمراني جو آخري دور جو ھو. پر اھي روايتون بہ تحقيق طلب آھن. تحفت الڪرام ۾ بہ ڪنھن وتائي مجذوب ۽ درويش جو ذڪر آھي، جنھن ۾ نالو 'ط' سان لکيل آھي، توڙي 'وتو' فقير بہ انھيءَ ئي ڪتاب ۾ ذڪر ھيٺ آيو آھي، پر انھن بزرگن جي زماني ۾ مڪان ۽ اسان واري وتائي فقير جي ھنڌ ماڳ ۽ سمي ۾ فرق آھي. تاجپور سان ھن جي تعلق واري روايت بہ صحيح ناھي، ڇاڪاڻ جو تاجپور سندس وقت کان گھٽو پوءِ جو ٻڌل شھر آھي. متفق روايتن موجب وتايو نصرپور جي پيدائش ۽ اتي جو ئي رھندڙ ھو. پيدائشي ھندو ھو ۽ عام ۾ وتو واڻيو سڏبو ھو. پوءِ مسلمان ٿيو تہ جيئن ڪٽر تنگ نظر ۽ روايتي مسلمان نہ ٿيو. پڳت فقيرن وارا ارڪان ھئس، دين ۽ ايمان جو ڪپڙن ظاھري رک رکاءُ يا تقريربازي سان ڏيکاري ڏيڻ جو قائل ڪونہ ھو (جيئن سائين علي احمد بروھي صاحب لکيو آھي تہ "وتايو جيئن ڪنھن ٻانيڻ جي ھيڪڙ ۾ نہ آيو تيئن ملان جي وڪڙ مان بہ گوھي ڏئي نڪري ويو.") بھرحال اھوئي سبب ٿيو جو ھندو ڪيس آخر تائين ھندو تصور ڪندا رھيا ۽ مسلمان ھن کي مسلمان مڃيندا رھيا. ھڪ ڀيري جو فوت ٿي ويڻ جو سانگ رچايائين تہ ھندن ۽ مسلمانن جي ھڪ دلچسپي تڪرار جو مشاھدو ڪيائين، جو ھندو چون تہ وتو واڻيو ھو ان پنھنجي ڌرم انوسار ھن کي مرگھٽ ۾ ساڙينداسين ۽ مسلمان چون تہ جيئن تہ مسلمان ھو ان ڪري ھن جو ڪفن دفن ڪنداسين. اتي ھو پوتي ڇنڊي اٿي ڪڙو ٿيو تہ ھتي تہ آرام سان مرڻ بہ نٿا ڏين، مرڻ تي بہ جھيڙو مچائي بيٺا آھن تہ ھاڻي ھتي جيئڻ بہ قبول نہ آھي. ائين چئي نصرپور ڇڏي اچي موجوده شيخ لوھنڙو رحہ جي وسنديءَ ۾ رھيو. جو پڻ وقت جو ھڪ جيد ۽

صاحب منزل بزرگ هو ۽ جنهن جو مقبرو اڄ به ٽنڊي الهيار کان حيدرآباد ويندي ٽن ميلن جي مفاصلي تي صاف ڏسبو آهي. وتايو هتي ئي فوت ٿيو ۽ هتي ئي دفن آهي. مٿئين مثال مان ثابت ٿئي ٿو ته هي الله جو ماڻهو مذهبي تعصبات ۽ ڪٽرپڻي کان ڪيترو پاڪ هو جو ظاهري ڏيک ۽ رويي مان سڃاڻڻ به مشڪل هو ته هندو آهي ڪي مسلمان. اڪثر سرڪاري بيگر وٺڻ وارا ماڻهن کان پڇندا هئا ته ڪنهن جو ماڻهو آهين؟ پوءِ ڪو ڪنهن گبريا اثر واري ماڻهوءَ جو ماڻهو سڏائي جان ڇڏائي ويندو هو. پر هي سچو ماڻهو پاڻ کي هميشه "الله جو ماڻهو" چوندو هو ۽ هو ڪيس بيگر تي وٺي ويندا هئا. اهي بيگرون وهي ايندو هو پر ڪڏهن به "الله جو ماڻهو" سڏائڻ بدران ڪو بيو ٻول نه ٻولياائين ۽ "قالو بلىٰ" وارو قول آخر تائين نڀاهيندو رهيو.

وتائي درويش کي هڪ عوامي درويش چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو. جو ههڙو الله وارو سياڻو ۽ سڀاڄهو انسان دنيا جي طمع کان عاري هوندي به رهبانيت اختيار ڪرڻ جي بجاءِ عام ماڻهن سان ملي جلي رهيو ۽ هنن کي ملن مولوين وانگر دوزخ جا دڙڪا ڏيڻ بدران خدا جي ٻاجھه ۽ سخا جا سنيها ٻڌائيندو رهيو. منهن ويڙهي گوشو ڪري ويهي رهڻ بجاءِ سيني سان رلي ملي کلي ڳالهاياائين ۽ ڳنڀيرتا جو لبادو پائڻ بدران هرڪنهن سان هڪ جهڙو ٿي هليو. هو اهو ڪڪر هو جو بنان تفرق ۽ ترجيح جي هرڪنهن تي ڇانو ڪندو آهي. اڄ جو اسين پنهنجن ثقافتي، تهذيبي، علمي، ادبي، تاريخي ۽ قومي نشانن جي سار سنڀال ۽ رکشا لاءِ بجا ۽ برحق طور ي عمل توڙي قلم سان اڻٿڪ ڪوششون ڪري رهيا آهيون ته اچو ته سونهاري سنڌ جي هن صالح سپوت جي ذات کي سهيڙڻ ۽ سانڍڻ لاءِ ڪو اُدم ڪريون. ڇاڪاڻ ته وتايو درويش اسان جي علمي، ادبي، ثقافتي ۽ تاريخ جو هڪ اهم ستون آهن.

لطيفا، چٽڪا ۽ نڪتا

ملان ۽ ڏيڳي

لطيفو: وتايو ڳوٺن جي ڦاڻ پريو ان مان لپون ڦڪيندو وتيو. ڪنهن ملان چيس ته : چريا! اڄ جمعي جو ڏينهن آهي، نماز پئي پڙهجي، هل ته هلي نماز پڙهون! مڪريو ڪونه. هن کي هائو ڪئي، هلي مسيت ۾ آيو. نماز شروع ٿئي، هيءُ به جهولي سوڙهي جهلي، ڇاتيءَ سان ڀيڇي پڪوڙي صف ۾ سنئون ٿي بيٺو. رکي رکي هيڏانهن هوڏانهن نهاري، ڦاڻ مان ٽڪ هڻي ڇپي ڇباڙي وري چپ ٿي ويو. هي حال ڏسي هڙئي نمازي هري هري کلندا رهيا. نماز پوري ٿيڻ تي پڇيائونس ته: چريا! تو ڇا ٿي ڪيو؟ تنهنجي نماز ته نه ٿي وسوڙجي ورندي ڏنائين: ها! پر مون پڳڙا ائين ٿوروئي ٿي کاڌا، جڏهن ڏٺم ٿي ته پيش امام ڳئون جي ڳولا ۾ ۽ گاهه جي گڏ ڪرڻ جي سوچ ۾ ٻڏل آهي، تڏهن به ٿي لپون رڙڪي ٿي ورتم. ماڻهن سوال جو جواب سڻي سڪتي ۾ پئجي ويا. پيش امام کان پڇيائون، جنهن چيو ته: سچ ٿو چوي، مون کي ڍڳيءَ ڏاپڻ ۽ گاهه گڏ ڪرڻ جو الڪو وچ ۾ اچي ٿي ويو، جنهن ڪري نماز ۾ ناغو پيو ٿي.

ڇئو "وتايو وتايو"

لطيفو: هڪڙي ڏينهن لوهاڻي درياهه جي پتڻ تي آيو. ڪانئس اڳ پتڻ پار پهچي ويو هو. پتڻ ڏينهن ۾ به لڳا ايندو ويندو هو. سو پتڻ نه ڏسي ڏپي ويو. اتي به ڄڻا بيا به اويل آيل وينا هئا، تن چيس ته: درويش، هاڻ سانجهيءَ جا سنڌا، وري جڏهن پتڻ وري! هت سڄو ڏينهن ڏجاري ٿينداسون! وتائي چيو ته:

هڪڙي همٿ آهي جي راضي ٿيو تہ هلي پار پونداسون. چيائونس تہ ڇو ڇو؟!
تڏهن ٻڌايائين تہ: آءٌ اوهان کي ڪنيڙائين ڪان ڪنيي ڪٽان ٿو. اوهين
ڇئجو "وتايو" "وتايو" ۽ آءٌ چوندس "الله، الله" پوءِ پڪ درياهہ مٿان دڳ ٺاهي
هلنداسون. هنن قبول ڪيو. هن ڪٽي ڪنيين. جڏهن درياهہ جي وچ تي پهتا تہ
هنن ٻنهي دل ۾ ڏان ڏاريو تہ وتايو ڪري الله الله ۽ اسين ڇئون وتايو وتايو، سو
چو نہ اسين بہ الله الله ڪريون. ھ نن جو الله جو نالو ونڻ تہ ٻئي پاڻيءَ ڪان ڳرا ٿي
پيا ۽ وتائي بہ منجهانئن ڪٽي هٿ ڪڍيا. هو اچي ٻڏڻ لڳا، تڏهن وتائي چين تہ:
اجان وتائي وارو ورد پورو نہ وسهيو اٿوَ تہ ٿيو ٿا الله کي اوڏڙا! اهو پنڌ پرانهون
آهي. پوءِ پاڻ پاڻي مٿان پيچرو وني واٽ ٿيو.

پروتايا تون.....!!

چٽڪو: مرزا شاهہ بيگ جي سپاهين مان ڪو بيمار ٿي سنڌ ۾ رهي
پيو. سپاهي ڦٽ چيني اٿيو تہ وطن جي اُڪير وائڙو ڪيس. اگهائيءَ واري
عرصي ۾ جيڪو وجهہ هٿس سو علاج ۾ ڪم اچي ويس، پر گهوڙو بہ بڪ ۾
گاپاٽا ڪائي ختم ٿي ويس. نہ اُن وٽيس نہ پاڻي، پريشان ٿي لوءِ لاءِ لوهون ڏيڻ
لڳو. نڏان تہ قلندر شهباز مهندان ڏرٽو ماري ويهي رهيو: ڇہ مون کي ڪيئن بہ
ملڪ رساءِ! قلندر چيس تہ: مون ۾ ٿبي هٿڻ جي طاقت ڪانهي. انهيءَ ڪم
ڪاڻ تنهنجو وسيلو وتايو ٿيندو. وڃي نصرپور طرف نهارينس. سپاهي سرڙيندو
سٽون ڏيندو اچي وتائي جي تڪيي تي ترسيو. درويش سان ساري سڌ ڪيائين.
وتائي ورجايس تہ: قلندر پاڻ ڪترائي توکي تڪليف ۾ وڌو آهي. آءٌ اجان ايڏي
مانيءَ ڪونہ رسيو آهيان. پر سپاهي بہ مچڏ تي ڪانپ ڪڍي ويهي رهيو ۽ پيو
ستائيندو هوس. هڪڙي ڏينهن وتائي کي مست ڪهل اچي ويئي، سو هڪل

ڪري سپاهيءَ کي سڏ ڪيائين ته: سگهو اچ، منهنجن پيرن مٿان پير رکي اڪيون پورا پوءِ پري وڃائينس. پاڪر ٻئي ٻيئي دونهون ڏريو، غبار چڙهيو، واچوڙو ورڻو. فقير ۽ سپاهي کن پل ۾ ويڙهن جي ٽيٽ ڪان ٽرياءِ سج لڙيو ته درويش ساڳين سنڌن تي پڌرو ٿي ڪلمو پڙهيو. رڳو سپاهي ساڻس نه هو. پڇيائونس ته ڪيستائين قصد ڪيو هو؟ چيائين: "چتي لال شهباز تي چه ير وتايا تون چا سڻايانو ڏيسارو ڏوري آيو آهيان."

نقطو:

چون ٿا ته هڪ لڳا لواري ۾ وڃي وارد ٿيو. اتي مسيت وٽان مٿيو ته ميان محمد زمان قدس الله سره جي والد پنا اگهاڙا ڪيو، وڃي واحد واڪاٽيو. هن اوچتو اندر گهڙي هن جي ڦٽن تي هٿ ڦيرائي چيو: هن ڀنيءَ مان پرمل پيدا ٿيندو، سندس سگند سنڌ جي وڻ ٽڻ کي واسي ڇڏيندي. ٿيو به ائين. ميان محمد زمان ساماڻو ته ڪانئس سوين سنڌ ٿيا ۽ سيراب ٿيا. لطيف سائين به لاڪس لات لنوي آهي:

مون سي ڏنا ماءِ، جن ڏٺو پرين کي،
تنين سندي ڪاءِ، ڪري سگهان نه ڳالهڙي.

تحفت الڪرام مان اقتباسات

وتايو، مجذوب، سالڪ ڪامل آهي.

هڪ حالو چالو عالم واٽ ويندي پڇيس تہ فقيرا شريعت ۽ طريقت جي وچ ۾ ڪيڏو ويڇو آهي؟ چتائي چيائينس تہ: شريعت جي پابندي سالڪ کي طريقت جي راهہ تي هلڻ واسطي اهل بنائي ٿي.

ملان محمد جهانگيري، جڏهن شاهجهان جي سڏ تي آگري ٿي اُسهيو تہ واٽ ۾ وتايو مليس، جنهن کان دعا گهريائين. هن جي دعا سان مدعا ماڻيائين ۽ اتي وڃي نورجهان جو اُستاد مقرر ٿيو.

■ . هڪ شخص روزانو مڪلي ٽڪريءَ تي مزارن جي زيارت ڪاڻ ويندو هو. هڪ ڏينهن هن وتائي کي مڪليءَ کان ايندو ڏٺو ۽ ٻئي هڪڙي مجذوب کي مڪليءَ ڏانهن ويندڙ ڏٺو. ٻئي پاڻ ۾ مليا. وتائي چيس تہ: اڄ مخدوم حمزي واعظ وفات ڪئي آهي. جناب سيد المرسلين ان جي جنازي نماز پڙهائڻ واسطي تشريف فرما ٿيا رهيا آهن. هل تہ پاڻ پهچون. سندن امامت ۾ مقتدي ٿي بيهون. زيارتي شخص چوي ٿو تہ انهن جي پوئتان لڳس. شهر ۾ آيس تہ برابر مخدوم جي جنازي نماز لاءِ ماڻهو صفون ٻڌي بيٺا هئا. هو ٻئي اڳينءَ صف ڏي وڌي ويا، آءٌ پويان بيٺس. پهرين پهرين غيب مان تڪبير جو آواز ٻڌم.

(مير علي شير قانع ٺٽوي جي ڪتاب تحفت الڪرام مان ورتل ص 547، 550 ۽ 626).

وتائي بابت روايتون:

وتائي واسطي چون ٿا تہ نصرپور شهر جي بازار ۾ هڪڙي هٽ جي ٿلهي تي اوچڻ اوڍي ستو پيو هو. صبح جي ستل کي سارو ڏينهن گذري ويو. ماڻهن منهن تان ڪپڙو پري ڪري ڏٺس تہ ماڳهين مئو پيو هو. پوءِ هندن ۽

مسلمانن جا متس ميڙ موجود ٿي ويا. مسلمان چون ته قبر ڪنداسونس، هندو چون ته چتا تي چاڙهينداسين. اچي ممڻ متو. مارا ماري ٿيڻ واري هئي جو فقير گندي چنبڙي اُٿيو ۽ چوندو ويو ته "هت به نه مئاسون."

ماءُ جي محبت جي موهه ۾ ولايتن تان ورندي وريرم ڪُونه ڪندو هو.

نـوَ نـيـئـر، ڏهه ڏاوڻ، پـنـدرنـهـن پئيند پياس،

سپرين سارياس، تان چيڏ ڪ چنائين هيڪڙي.

ڪهي اچي ماءُ جي قدمن تي ڪندو هو. هن ڪي دلداريون ۽ دلبريون ڏيندو هو. جان ڪي تان ماءُ جيئري هيس تان ڪي تان منهن نه متيائين. بلڪ انهيءَ پيٽيءَ تان پيرو نه پڳائين. ماتا جي مرڻ ڪان پوءِ ماڳهين ملول رهندو هو. هيڪاري شيخ غاليءَ جي انتقال ڪان پوءِ سنسار جا سڀ تال تماشا ترڪ تي ويس. الاهي امر ڪاڻ آتو ٿي، اتيئه آنئي ۾ اجل جي اوسيئڙي ۾ اوتارو اڏي، الله سان آوايون اندر جون ايلاهون اورڻ وينو. اجل آيو ته لبيڪ چئي وڃي لعلڻ جي لڙهه لڳو.

وتائي فقير جا لطيفا

اٽو

هڪ دفعي وتائي فقير جي گهر ۾ اٽو ختم ٿي ويو ته ٻنڌس ماءُ کيس چيو:

"پٽ اڄ ته پچائڻ لاءِ ڪجهه به ناهي".

اهو ٻڌي وتايو ٽڪر ۾ اُٿيو ڪاغذ ۽ قلم کنيائين ۽ سڌو مسجد ۾ وڃي پهتو. بانگي جي جاءِ تي چڙهي مٿي ڏسندي چيائين:

"الله سائين تون پاڪ آهين، اسان جي گهر ۾ کائڻ لاءِ اٽو به ناهي، خالي هٿين ويندس ته ماءُ ۽ زال جا دڙڪا ملندا. جيڪڏهن ٻيو مارٽون اٿئي ته پنهنجو نالو رزاق بدلائي ڇڏ. جيڪڏهن تو وٽ رزق جو ڏڪار پيو آهي ته ڪاغذ ۽ قلم کڻي آيو آهيان صحيح ڪري ڏي."

ان ئي وقت مسجد کان ٻاهر ڪنهن وتائي فقير کي سڏ ڪيو. "وتايا فقير هي تنهنجي لاءِ کڻي آيو آهيان."

وتائي فقير مسجد مان ٻاهر نڪري ڏٺو ته همراهه گڏهه تي اٽي جي پوري کڻي آيو آهي. وتائي فقير کلي آسمان ڏانهن نهاريو ۽ چيائين:

"اٽو موڪليئي باقي صحيح نه ڪيئي."

ڪڏهن ڪڏهن غريبي به ڪم ايندي آهي

هڪ سال حد کان وڌيڪ برسات وسڻ جي ڪري درياءُ چڙهي آيو ۽ وتائي جي ڳوٺ وارا ٻوڏ جي خطري جي ڪري ڳوٺ مان پنهنجو سامان کڻي

ڪنهن محفوظ جڳهہ جي تلاش ۾ روانا ٿيا. وتائي فقير بہ پنهنجو مختصر سامان ڪنيو ۽ گهر واريءَ سان گڏ محفوظ جڳهہ جي تلاش ۾ روانو ٿيو. رستي ۾ هن ماڻهن کي بي انتها گهڻو وزني سامان، ڏڱا گاڏين تي، اٺ گاڏين ۽ ڪجهہ ماڻهن کي پنهنجن ڪلهن تي کڻندي ڏٺو. وتائي فقير انهن جي پريشاني ۽ تڪليف کي ڏسي پنهنجي سامان تي نظر وجهندي ڪلندي چيو:

”ڪڏهن ڪڏهن غريبي بہ ڪم اچيو ويندي آهي.“

سواري

هڪ ڏينهن وتايو فقير سفر تي ڪيڏانهن وڃي رهيو هو. ننهڻ اُس ۽ گرميءَ جي ڪري پنڌ هلي هلي ٿڪجي پيو. آسمان ڏانهن منهن ڪري دعا گهريائين:

”اي مالڪ! ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان. منزل بہ پري آهي. سفر لاءِ ڪا سواري ملي وڃي تہ ڪيڏو نہ سٺو ٿئي.“

دعا گهرڻ کان پوءِ وري اُٿي هلڻ لڳو تہ ٿورو اڳتي هڪ پوليس واري جي گهوڙيءَ رستي ۾ هڪ ٻچي کي جنم ڏنو. وتائي تي نظر پوندي ئي پوليس واري ڪيس ڪڙڪيدار آواز ۾ چيو:

”فقير هيڏانهن اچ! هن گهوڙيءَ جي ٻچي کي کڻي اسان سان هل.“

وتائي فقير ٿوري چون چان ڪئي تہ پوليس واري ڪيس ڇهبڪ وهائي ڪڍيو. زور اڳيان زاري، سو ويچاري وتائي گهوڙيءَ جو ٻچڙو ڪنيو ۽ سهڪندي سهڪندي ٽاٽي تي وڃي چڙهيائين. ٽاٽي کان ٻاهر نڪري نرڙ تان پگهر اگهي آسمان ڏانهن منهن ڪندي چيائين:

”مالڪ! مون چيو هو تہ سواري ڏيارِ اهو ڪونہ چيو هئم تہ سواري مون تي چاڙهہ. پوليس واري جي ٻڌين ٿو پر پنهنجي فقير جي نٽنو ٻڌين.“

بـــاهہ

هڪ دفعي وتايو فقير پنهنجي ماءُ سان گڏ سفر تي وڃي رهيو هو. هلندي هلندي ڪين رستي ۾ رات پئجي وئي. اهي هڪ جڳهہ تي ترسي پيا. ماڻس ڪيس چيو:

”پٽ! ڪتان باهہ جو بندوبست ڪري تہ جيئن ماني پچائي سگهان.“

وتائي جواب ڏنو. ”امان! هن بر پٽ ۾ باهہ ڪتان آئي.“

ماڻس مٿس ٺوڪ ڪندي چيو: ”تون تہ ولي الله آهين دوزخ مان وڃي باهہ ڪٽي اچ.“

وتائي پنهنجي ماءُ کي سمجهائيندي چيو: ”دوزخ ۾ باهہ ناهي هوندي.“

اهو ٻڌي سندس ماءُ حيران ٿيندي چيو: ”پر پٽ! اهو جو ٻڌو اٿئون تہ گنهگارن کي دوزخ جي باهہ ۾ ساڙيو ويندو.“

وتائي جواب ڏنو: ”نہ امان ائين ناهي، الله سائينءَ وٽ ايترو وقت ٿوروئي آهي جو باهہ ٻاري گهنگهارن جو انتظار ڪري تہ ڪڏهن ايندا. پنهنجي دوزخ ۽ جنت دنيا ۾ هرڪو پاڻ ٺاهيندو آهي ۽ اهائي باهہ پنهنجي ساڙڻ لاءِ دوزخ ۾ ڪٽي ويندو.“

ڪنڊو

هڪ ڏينهن ڪيڏانهن ويندي وتائي فقير جي پير ۾ ڪنڊو لڳو تہ رڙيون ڪري ڪٽي آسمان مٿي تي ڪنيائين.

ماڻهن پڇيس:

”فقير ڇا ٿيو؟ ڇو ٿو رڙيون ڪرين؟“

وتائي فقير روئندي چيو، ”پير ۾ ڪنڊو لڳو آهي.“

تڏهن ڪنهن ماڻهوءَ ڪنڊو ڪڍندي چيس: ”ايتري ننڍڙي ڪنڊي لاءِ ايترو گوڙ ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟“

اهو ٻڌي وتائي فقير ناراض ٿيندي چيو: ”مان ڪو ايوب صابر آهيان جو صبر ڪيان. اڄ ڪنڊو هنيو اٿائين ته سڀاڻي ڀالو هڻندو. ڪنڊي تي ايتري واويلا ان ڪري ڪيم جو ڪيس (الله سائين کي) خبر پوي ته مان ڪنڊو به نٿو سهي سگهان. تنهنڪري ڀالو هڻڻ کان پري رهي.“

وڏيڪ ڇا چوان

وتايو فقير ڪنهن شهر تي ويو. پنڌ گهڻو هو سو سوچيائين ته ڪا سواري هٿ ڪري ان تي چڙهي وڃان. ڪنهن شخص کان سوال ڪري ڪانئس گڏه وٺي مٿس چڙهي وينو. ڳوٺ کان ٻاهر نڪري گڏه کي وٺي ڏنڊا هنيائين. فقير ڀانيو ته ڏنڊا لڳڻ سان گڏه تڪڙو وڃي منزل تي پهچائيندو پر گڏه پستي هٽي فقير کي هيٺ ڪيرائي وڌو.

وتائي فقير ويچاري هيٺ وڃي ٿڪو ڪيو. يڪدم اٿي ڪپڙا ڇنڊي گڏه کي چيائين: ”توکي جيڪي چوان سو ته تون اڳ ئي آهيان. هاڻي وڌيڪ ڇا چوان.“

تنهنجي نالي

وتائي فقير هڪ ڏينهن شهر ۾ گهمندي، هڪ دڪان تي گدرا رکيل ڏٺا.

دڪاندار کي چيائين ته: ”ٻيلي خدا جي نالي تي ڪجهه ڏي.“

هن هڪ ڦٽل گدرو ڏنس.

فقير وري ڪيسي مان ٽڪو ڏنس ۽ چيائينس تہ: ”هن جو بہ گدرو ڏي.“

دڪاندار چوندي هڪ سٺو گدرو ڪڍي ڏنس. اهو وٺي آسمان ڏي نهاريائين ۽ چيائين ”تنهنجي نالي تي جيڪي مليو اٿم، سو بہ ڏس ۽ جيڪو ٽڪي ۾ ورتو اٿم سو بہ ڏس.“

عشق

هڪ ڏينهن وتايو فقير پنهنجي هڪ دوست سان اوپاريون لهواريون ڪري رهيو هو تہ ڳالهين ڪندي اچي عشق جي ڳالهہ نڪتي.

فقير پڇيس: ”عشق ڇا آهي؟“

دوست چيس: ”فقيرا! عشق دل جي ونڊر ۽ روح جي راحت آهي. جنهن ڪي اندر ۾ عشق ناهي، سو انسان ئي ڪونهي.“

ان تي فقير چيس: ”يلا اهو عشق ڪنهن سان ڪيو آهي ۽ ڪيئن ڪيو آهي؟“

دوست چيس: ”فقير مرد جو عشق هميشہ عورت سان ٿيندو آهي ۽ ان ڪي قاسائڻ جا ڪيترائي طريقا ٿيندا آهن. ان ڪي پهرئين سنهو پتر ڪٽي هٽبو آهي.“

اهي خبرون چارون ڪري ٻئي موڪلائي هليا ويا. ٻئي ڏينهن فقير گس وٺيو پئي ويو، تہ ڏٺائين تہ هڪ عورت پئي وڃي، هن ڇا ڪيو، جو هڪ وڏو سروٽو ڪٽي ٺڪاءُ ڪرايائينس، اها عورت ويچاري ڪري پئي ۽ بيهوش ٿي وئي.

فقير ويجهو ويس ۽ ان ڏي نهاري چيائين: ”مون توکي پتر هنيو هو، تہ مون سان عشق ڪريا ڏند ٽيڙي ڪل.“

نيت تہ هتي اٻندا!

هڪ دفعي وتائي جي ڳوٺ مان چوري ٿي وئي سو ڳوناٽا چورن جا پير کڻي نڪتا ته وتايو هڪدم ڊوڙي وڃي قبرستان ۾ ويهي رهيو.

ماڻهن پڇيس: "فقير هتي ڇا ويٺو ڪرين؟"

چيائين: "چورن جو اڳ ته ويٺو آن، نيٺ ته هتي ئي ايندا!"

انهيءَ ڏينهن کان پوءِ سنڌيءَ ۾ اها چوٽي مشهور آهي ته "وتائي فقير وارو اڳ جهليو اٿئي!"

ڊپ

هڪ ڏينهن وتائي فقير کي ڪنهن رپيو ڏنو. سو پٽڪي ۾ ٻڌي ڇڏيائين. رات جو ڪيس اچي ڪٽڪو ٿيو. سو ننڊ ئي نه پئي اچيس. نيٺ صبح ٿيندي ئي اٿي گهران نڪتو ۽ ڳس ۾ هڪ چار جو وڻ ڏسي، رپيو کڻي ان ۾ رکي ڇڏيائين. اڳتي وڌيو ته ڪي ماڻهو مليس. انهن مان هڪ پڇيس ته "فقير رات ٿئي کو ڊپ ڊاءُ ته ڪونهي."

وتائي فقير جواب ڏنو "انهيءَ چار تائين ڊپ اٿو. باقي اڳتي نه!"

سونارو ۽ وتايو

هڪ ڏينهن هڪ سونارو ۽ وتايو فقير ڪنهن مسافريءَ تي گڏجي نڪتا. پنڌ ڪندي ڪندي ڪين سج لهي ويو. رات جو فقير ته ڳس تي ئي ليٽي پيو، پر سوناري وٽ هڪ سؤ روپيا هئا. سو پاسو ورائي وڃي سمهي رهيو.

اڃان ٿوري ئي رات گذري، ته ڪن چورن اچي، وتائي کي جاڳايو ۽ چيائونس: "جيڪي ڪجهه تو وٽ آهي، سو ڪڍي ٻاهر ڪر."

فقير اڪيون مهتينديءَ چيو ته: ”ٻيلي آئون اهڙي خساري وارو ڪم ڪريان ئي ڪونه.“

ٻئي چيو ته: ”يارا چو اچي هن سچي ڪي ورتو اٿوَ؟“

ان تي وتائي چيو ته: ”آئون جي سچو آهيان، ته پريان هو سونارو ته سچو ڪونهي، روڪڙا سؤ روپيه ڪيسي ۾ پيا اٿس!“

اهو ٻڌي چور سوناري کي ڦري آيا ۽ ڪانئس سؤ روپيا ڪسي ورتائون.

جڏهن چور ويا هليا، ته سوناري، وتائي کي چيو ته: ”واهه يار واه! تنهنجي چڱ مڙسي ڏٺيسين! هٿ وٺي مون کي چورن هٿان ڦرايئي.“

وتائي چيو ته: ”تو به گهٽ غريبن جي سون ۾ گهوٻيون هنيون هونديون: هڪ ڏينهن حساب ته ڏيڻو ئي هو.“

مُئي سهسا ٻيوَ

هڪ ڀيري جي ڳالهه آهي، ته وتايو فقير ڪيڏانهن وڃي رهيو هو ته، واٽ تي ڏٺائين ته ڪي ماڻهو لاش کنيو پيا اچن. ويجهو وڃي ڪانئن پڇيائين، ”ڇا کنيو اٿوَ؟“

ماڻهن جواب ڏنس، ”انڌو آهين ڇا؟ ڏسين نٿو ته لاش کنيو پيا وڃون!“

وتائي چيو: ”اهو ته آئون به ڏسان پيو پر اهو ٻڌايو ته مرد آهي يا عورت“

هنن چيو ته عورت، ”عورت.“

وري پڇيائين: ”ڪنواري آهي يا پرڻيل؟“

هنن ٻڌايس ته: ”ڪنواري!“

ان تي هڪدم چيائين ته ”مار پئيوَ، مئي سهسايوَ پر ڏنوَ ڪنهن کي ڪانه، جو وڃي گهر تڙ وارو ٿئي ها.“

وڏو در

هڪ ڏينهن وتايو فقير مسجد جي در تي ويٺو هو، ته هڪ مائيءَ اچي دعا گهري ۽ چيائين ته:

”وڏا در الله جا! پناه پاند ڏجانءِ“!

اهو ٻڌي، وتائي فقير هڪدم چيس، ”مائي وڏا در ته اوهان جا آهن، جن پيغمبر پيدا ڪيا، جن اچي هي مسجدون جوڙيون، نه ته اهي وڏا در اڳي ڪٿي هئا.“

بيمار

هڪ سال وتائي فقير جي ڳوٺ ۾ اچي وڏي بيماريءَ منهن ڪڍيو. ويچارا ماڻهو ڊوڙي فقير وٽ آيا ۽ چيائونس ته،

”فقير صاحب! خدا کان دعا گهر ته، خير ٿئي، ۽ بيماري ٽري وڃي!“

فقير جواب ڏنو: ”ابا! ڇڏيو ويچاريءَ کي ته ٻه ٽي ڏينهن پلي موجون ماڻي وڃي ۽ ماڻهو ماري، نه ته پوءِ ڪير پڇندس به ڪونه!“

لِڪ منهنجا.....

هڪ ڏينهن وتايو فقير ڪنهن شاديءَ جي دعوت ۾ ويو. جڏهن چاچين پت ڪائي بس ڪيو، ته اتندا ۽ پوئو (گهور) ڏيندا ويا ۽ هرهڪ پنهنجو پنهنجو

پوئتو لڪائيندو ويو. وتايو فقير به انهيءَ پوئي لڪندڙ جي پرڀرو اچي بيٺو. ڪيس چيائين: ”لک، وتايو فقير ڏهه روپيا!“

ماڻهن چيس: ”فقير پئسا ته ڏنا ئي ڪونهن!“

چيائين: ”هڪڙو ڏيان ڪونه، بيو لکايان به نه؟“

پائيواري

هڪ سال وتائي فقير کي خيال ٿيو ته ٻني پوکجي، سو هڪ شخص سان پائيواري ڪيائين، ”هڪ ڏينهن ٻئي ڄڻا گڏجي زمين تي ويا، انهيءَ شخص جهنگ وڍڻ شروع ڪيو ۽ وتائي کي چيائين ته: ”فقيرا! تون وڃي ٽانڊو ڪٽي اچ، ته هيءُ جهنگ ساڙيون.“

وتايو فقير اتان روانو ٿيو ۽ هو ويچارو نهاريندو رهيو، ته اجهو ٿو فقير ٽانڊو ڪٽي اچي، پر سڄ لهڻ تائين وتائي جي ڪا به خبر نه پئي.

نيٺ بيزار ٿي هو گهر موٽيو ۽ ٻئي ڏينهن اڪيلو ٻنيءَ تي هليو ويو. اهڙيءَ طرح هو پنهنجي سر ٻنيءَ تي ويندو هو. ٻني به پوکجي راس ٿي ۽ پچي ويئي. ان صاف ٿيو ۽ ٻٽئي شروع ٿي.

وتائي فقير کي خبر پئجي ويئي ته اڄ فلاڻي هاريءَ جي ٻٽئي آهي، ٽانڊو ڪٽي ڊوڙندو آيو ۽ جيئن ئي ٻني کي ويجهو پهتو، ته تڪڙو هلڻ شروع ڪيائين، ته پير ترڪي ويس ۽ وڃي ڪريو. ماڻهن چيو ته: ”مارا! وتائي فقير ته ٽانڊو ڪيرائي ڇڏيو.“

ان تي وتائي فقير اٿندي چيو: ”ادا! ماريو ته اوهان جي انهيءَ تڪڙ آهي نه!“

ٻڌائي ڇڏجو!

هڪ ڀيري وتائي فقير ڏڳو خريد ڪيو. اهو ڪاهي ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيو، ته واٽ تي هڪ شخص مليس، جنهن پڇيس ته ”فقيرا ڏڳو گهڻي ورتئي؟“

جواب ڏنائين ته: ”40 روپين ۾“

اهڙي طرح ڳوٺ تائين پهچندي پهچندي ڪيترن ئي ماڻهن کانئس ڏڳي جي قيمت پڇي، جڏهن ڳوٺ ڪي، ويجهو پهتو، ته دل ۾ خيال ڪيائين ته جيڪڏهن ڏڳو ڳوٺ ۾ ڪاهي ويندس ته سڀ ڪو ماڻهو ڌار ڌار اچي پڇندو. اِن ڪري ڪا اهڙي تجويز ڪجي، جو هڪ ڀيري سموري ڳوٺ کي خبر پئجي وڃي.

اهو سوچي هڪ وڻ تي چڙهي ويو ۽ وٺي دانهون ۽ واڪا ڪرڻ لڳو. ماڻهن جو سندس رڙيون ٻڌيون، ته سڀئي ڊوڙندا اچي گڏ ٿيا ۽ کانئس پڇيائون ته ”فقير رڙيون ڇو ٿو ڪرين؟“

جواب ڏنائين: ”مون هي ڏڳو فلاڻي ماڻهوءَ کان 40 رپين ۾ ورتو آهي، سڀ ٻڌي ۽ ڏسي ڇڏيو ۽ وري مون کان نه پڇجو ۽ جيڪو هتي نه آيو هجي، ان کي به ٻڌائي ڇڏجو!“

ڏاڍي کان پري چڱو!!

وتايو فقير ڪنهن مسافريءَ تي پري هليو ويو ۽ ڪيس ڪيترائي ڏينهن گذريا ويا. سندس ماءُ ڇا ڪيو جو سامان ڪٺي وڃي سيدن جي پاڙي ۾ ويٺي. جڏهن وتايو مسافريءَ تان موٽي آيو، ته اچي هڪ ماڻهوءَ کان پڇيائين ته ”امان ڪيڏانهن ويئي؟“

اُن چيس تہ: ”وچي سيدن جي پاڙي ۾ گهر اڏيو اٿس.“

نيٺ ڳولهي ڳولهي وچي ڪيس لڌائين ۽ چياٿينس: ”امان! تون هتي ڇو اچي ويٺي آهين؟“

هن چيو: ”ابا! هتي ٻنهي جهانن جا وسيلا آهن. تڏهن اچي سندن پاڙي ۾ پئي آهيان.“

وتائي چيو: ”امان! ڦهر ڪري ڇڏيئي!! ڏاڍي ڪان جيترو پري، اوترو ڀلو، هاڻ جي سيد ڪاوڙجي، تہ ٻہ وتايو مُئو ۽ جي امان ڪاوڙجي تہ بہ وتايو مُئو!“

هو بہ خوش ۽ آئون بہ خوش

هڪ ڏينهن وتائي فقير وٽ ڪي مهمان اچي نڪتا. هن مسڪين وٽ هٽ ۾ ڪجهہ بہ ڪونہ هو، جو ڪين ڪجهہ وٺي کارائي. اوچتو هڪ ڇوڪر اچي اتي کُهرن جو هوڪو ڏنو. وتائي فقير اتي ڪيس سڏڪيو ۽ سڀ کهر تورائي ڪٽي مهمانن جي اڳيان رکيائين. جڏهن ڇوڪر پئسن جي گهر ڪئي، تہ اٿندي ٿي بہ ٽڙ هٽي ڪيائينس. ڇوڪر ويهي رُوئڻ لڳو. گهڙي پل گذري، تہ هڪ شخص آيو ۽ اچي فقير کي پئسا ڏنائين. فقير يڪدم اٿيو ۽ ڇوڪري کي پئسا ڏيئي روانو ڪري ڇڏيائين.

مهمانن پڇيس تہ: ”فقيرا تو اهو ڇا ڪيو؟“

جواب ڏنائين تہ: ”مون وٽ هٽ ۾ ڪجهہ بہ نہ هو. ڏٺم تہ خدا کي سوال ڪندس تہ اهڙو تڪڙو اصل ڪونہ ٻڌندو. سو وٺي ٽڙ هنئيمانس، هن ڪيون دانهون. تہ ڏسو! تہ ڪيئن نہ ٻڌي ورتائين ۽ پئسا اچي مليا. هاڻي هو بہ خوش آئون بہ خوش.“

اللہ جو ماڻھو

هڪ ڀيري ڪنهن واهه جو بند ڀڄي پيو. اتي جي زميندار پنهنجي ڪمدار کي حڪم ڏنو ته، "ڇيڙ وٺي وڃ، ۽ بند ٻڌائي اچ." ڪمدار ڇيڙ وٺي وڃي ڪم شروع ڪيو. گهارو تمام زبردست پيل هو، ان ڪري بند ٻڌجي ئي نه پيو. ڪمدار ماڻهن تي گهڻو ئي دڙيو پر هنن ويچارن جو پاڻيءَ سان ڪهڙو وس.....!؟ سو وڏي ڪوشش جي باوجود به بند ٻڌي نه سگهيا.

انهيءَ بند جي پرسان عام گس هو. ڪمدار خيال ڪيو ته هاڻي جيڪو به ماڻهو اتان لنگهندو وڃي، ته ان کي ڪم تي لڳائيندو وڃي، ڇو ته جيڪڏهن شام تائين بند نه ٻڌو ته زميندار مڇرجي پوندو.

اتفاق سان انهيءَ مهل وتايو فقير ۽ ٻه ٻيا ماڻهو به اتان اچي لنگهيا. ڪمدار هڪل ڪئي ته، "ويندڙ خبرون ڏيو؟"

هنن جواب ڏنس ته "اسين فلاڻي رئيس جا ماڻهون آهيون، سندس ڪم سان پيا وڃون، پيو سڀ خير!"

ائين چئي هو هليا ويا ته ڪمدار فقير کان پڇيو ته "تون ڏي خبر! ڪنهن جو ماڻهو آهين؟"

وتائي چيو ته: "خدا جو ماڻهو آهيان."

ان تي ڪمدار چيس ته "هل هل ڙي! تون خدا جو ماڻهو آهين ۽ ٻيا چورن جا! هل هلي ڪم ڪراءِ."

اهو ٻڌي وتائي فقير آسمان ڏانهن ڏٺو ۽ چيائين: "اي خدا! تنهنجو مانُ ته وڏيري جهڙو به ڪونهي."

خدائي ورچ

هڪ ڀيري ڳوٺ واري مسجد ۾ ڪنهن جماعتيءَ نمازين ۾ مٺائي ورهائڻ لاءِ آندي، وتايو فقير به اتي موجود هو. سڀني جماعتين فقير کي چيو ته: ”تون اتي مٺائي ورهاءِ.“

ان تي فقير چيو ته: ”هاڻي ٻڌايو ته خدائي ورچ ڪريان يا ماڻهن واري؟“

سڀني چيس ته ”فقيرا خدائي ورچ ڪر، ٻيو ماڻهن واري ڪهڙي؟“

هن چا ڪيو، جو ڪنهن کي تمام گهڻي مٺائي ڏنائين ۽ ڪنهن کي بلڪل ٿورڙي، ڪنهن کي ٺپ جواب ڏئي ڇڏيائين، ته ڪنهن کي وري ڌڪا ڏيئي پري ڪيائين. جڏهن سموري مٺائي ورهائي ڇڏيائين ته ماڻهن چيس ته: ”واهه فقيرواها هي ڇا ڪيئي؟“

جواب ڏنائين ته: ”ماڻهن واري ورچ ته اوهان مون کي ڪرڻ ئي ڪانه ڏني، باقي خدائي ورچ ته اها آهي، جو ڪنهن کي بک ته ڪنهن کي ڍءُ ڪنهن کي ٿورو ته ڪنهن کي گهڻو، ڪنهن کي ڌڪا ته ڪنهن کي ٿاپا!!“

حلوائي

هڪ ڀيري وتايو فقير هڪ حلوائيءَ جي دڪان جي پرسان اچي لنگهيو، ڏٺائين ته قسمين قسمين مٺاين جا ٿالهه ڀريا پيا آهن، پر حلوائي ماٺ ڪري ويٺو آهي. هن ڇا ڪيو، جو آگر ڊگهي ڪري حلوائيءَ جي اکين ۾ هڻڻ لڳو، حلوائيءَ چيس ته ”فقيرا اهو ڇا ٿو ڪرين؟“

هن چيو ته: ”سچو آهين ڇا؟“

دڪاندار چيو ته: ”هائو!“

ان تي وتائي فقير چيو ته ”جي سچو آهين ته پوءِ هيترا مال ڏسيو، ماٺ ڪيو ڪيئن ويٺو آهين“.

دڪاندار جواب ڏنس ته: ”جيڪڏهن مان پاڻ ويٺو ڪانوان، ته منهنجو گهر تباهه ٿي وڃي!“

ان تي وتائي فقير هڪدم چيو: ”چڱو! تون اٿي، ته آئون ٿو ڪانوان، پلي منهنجو گهر تباهه ٿي وڃي.“

ڏڪا نه ڏي!

هڪ ڏينهن وتايو فقير خدا تعاليٰ کان دعا گهري رهيو هو، هٿ مٿي ڪٽي، سوال ڪندو پوئتي هٽندو پئي ويو. پٺيان ڪا ڪُڏ هئي، جنهن جي ڪيس خبر ئي ڪانه پئي، هو پوئتي هٽندي هٽندي اوچتو وڃي انهيءَ ڪُڏ ۾ ڪِريو.

يڪدم مٿي نهاري چيائين ته: ”الله سائين! دعا نه ٻڌين ته نه ٻُڌ، پر ڏڪا ته نه ڏي!“

پٺهنس جو گهر

هڪ ڏينهن وتايو فقير پنهنجي گهر آيو ته ڏٺائين ته دروازي جي پرسان هڪ ڇوڪر ويٺو ڪاڪوس ڪري. ڪانئس پڇيائين ته، ”ڇوڪرا، ڪنهن جو پٽ آهين؟“

ڇوڪر جواب ڏنو ته ”الله جو!“ تڏهن يڪدم ٻانهن ۾ هٿ وجهي، وٺي وڃي مسجد جي در وٽ بيٺو. اتي چيائينس ته، ”ابا پراوا گهر هنگي نه وڃاءِ، پٺهين جو گهر هيءَ آهي.“

گڏھ ۽ ڍڳي

وتائي فقير وٽ ھڪ ڍڳي ھوندي ھئي، ھو ڪيس روز گاھ آڻي ڏيندو ھو. اتفاق سان ھڪ گڏھ اچي ھريو ۽ روزانو ڍڳيءَ جو گاھ کائي ويندو ھو. فقير ان کي ھڪلي ھڪلي تڪجي پيو. سو نيٺ ڪڪ ٿي رب پاڪ کي سوال ڪيائين تہ ”ڌڻي مينھنجا! ھن گڏھ کي مارا“

صبح ٿيو تہ ڏسي تہ سندس ڍڳي مئي پئي آھي. فقير يڪدم گھران نڪتو ۽ وڃي ھڪ انڌي کي وٺي آيو. ان کي چيائين تہ: ”ھيءَ جانور سڃاڻ تہ ڪھڙو آھي“

ھن ھٿ لائي چيو تہ: ”ھيءَ ڍڳي آھي.“

ان تي ڪنڌ مٿي ڪري چيائين تہ ”اي الله سائين انڌي جيتري بہ سڃاڻپ ڪانہ اٿئي. مون توکي چيو ھو تہ گڏھ مار، پر تو تہ ڍڳي ماري ڇڏي!“

ڌڻيءَ جي ياد!

ھڪ ڀيري وتايو فقير ڪيڏانھن وڃي رھيو ھو ۽ وات تي ”لاالہ الاالله“ جو ذڪر ڪندي پئي ويو. پر پويان ڪجھ ماڻھو پئي آيا. اھي فقير جي ويجھو پھتا تہ ھنن سندس ذڪر ٻڌي سمجھيو تہ ھيءَ ڪو درويش آھي، ان ڪري انھن ماڻھن مان ھڪ شخص ڪيسي مان روپيو ڪڍي فقير کي ڏنو.

فقير رپيو وٺي، اڳي ھليو. ڪيس دل ۾ اچي خيال ٿيو تہ انھيءَ رپئي جو ان وٺان يا ماڻ لاءِ ڪپڙا. انھيءَ خيالن ۾ ڪانئس ذڪر وسري ويو ۽ اچي ڳڻتي ورايس. وري خيال آيس تہ ھن رپئي تہ مون کان الله جو نالو ئي وسارائي ڇڏيو سو رپئي کي ڪيسي مان ڪڍي، اڇلي ڇڏيائين ۽ چيائين تہ ”ٻيلي ھن

رهئي تہ مون کان الله جو نالو وسارائي ڇڏيو آهي، جن ماڻهن وٽ هيترڙي دنيا آهي، سي ڪيئن ڏٿيءَ کي ياد ڪندا هوندا؟"

امان جي وس!

هڪ ڀيري وتايو ڪنهن ڪچهري ۾ ويٺو هو تہ اُتي هڪ شخص ويٺي ويٺي ٻين کي نصيحت ڪئي تہ، "ادا، سڀ ڪجهہ الله سائينءَ جي وس ۾ آهي. هو هر شيءِ تي قادر آهي."

ان تي وتائي فقير ڪلي ڏني.

چيائين تہ "اهو سڀ سچ آهي تہ هر ڳالهہ رب جي وس آهي پر ٻہ ڳالهيون امان جي بہ وس آهن!"

ماڻهن حيران ٿي پڇيس "اهي ڪهڙيون؟!"

چيائين تہ "وڻيس تہ پٽ رڌي ۽ وڻيس تہ ماني پچائي."

چئو وتايو!

هڪ ڀيري وتايو فقير درياه جي پرينءَ پر تي ويو. سو ٻيڙيءَ تي چڙهي ويٺو. جڏهن ٻيڙي پرجي ويئي تہ مهاڻي الله جو نالو وٺي ٻيڙي ڇوڙي، وتايو ٽپ ڏئي لهي پيو ۽ چيائين تہ "ڪهڙي قهار جو نالو ورتو اٿئي!"

انهيءَ تي ٻيڙيءَ ۾ ويٺلن مان ٻہ ٻيا همراهہ بہ لهي پيا. ٻيڙي اڳتي هلي جڏهن وچ سير تي پهتي تہ خدا جي قهر سان اوچتو ئي اوچتو انڌي تي پيئي ۽ ٻڏي ويئي، وتائي فقير تيستائين ڪناري تي ويٺو ڏٺو. جڏهن ٻيڙي

غرق ٿي ويئي، تہ ور ڪنجي، درياھ ۾ گهڙي هلڻ لڳو تہ انھن ٻن شخصن چيس، تہ: ﭘلا اسان کي بہ ساڻ وٺيو هلي!"

هن هڪ هٿ هڪڙي جي ڪن ۾ ۽ ٻيو هٿ ٻئي جي ڪن ۾ وڌو ۽ چيائين تہ "توهين وتايو وتايو" چوندا هلو!"

هو ساڻس گڏ "وتايو وتايو" چوندا پٺيءَ هليا. جڏهن وچ سير ۾ پهتا، تہ هنن سوچيو تہ اسين گهڙي ڪن مات ڪري ٻڏون تہ، فقيرچا ٿو چوي اهو سوچي، هنن مات ڪئي ۽ ٻڏائون تہ فقير " الله الله" ڪندو هلي.

هنن سوچيو تہ اسين چو وتايو ڪندا هلو؟ "الله الله چو نہ چئو" اهو سوچي هو بہ "الله الله" ڪرڻ لڳا تہ اچي ٻڏڻ لڳا.

وتائي فقير پري ٻنهي کي هڪ هڪ چماٽ هنئي ۽ چيو تہ: "پهتا ايجان وتائي تائين ڪونہ آهيو ۽ الله کي پيا سڏ ڪريو!"

آئون ڪٿي؟

هڪ دفعي وتائي فقير ٻني پوکائڻ جو خيال ڪيو. ماڻهن کي چيائين تہ جوڙا وٺي اچو. انهن سڃي ٻني کيڙي ڏنس. جڏهن ٻني کيڙي بس ڪيائون تہ چيائونس: "فقير هاڻي پٽ کاراءِ!"

اهو ٻڌي وتايو فقير اچي روئڻ لڳو.

ماڻهن پڇيس تہ: "فقيرا روئين چو ٿو؟"

چيائين تہ: "روئان ان ڪري ٿو، تہ اوهين تہ ماني گهر بہ وڃي کائيندا، پر آئون ڪٿي کائيندس."

گهوڙو مچندو ڏوڙ!

هڪ دفعي وتايو فقير ڪنهن ايري گهوڙي تي چڙهيو پئي ويو. اڳيان هڪ شخص پڇيس ته ”فقيرا تنهنجي گهوڙي کي ڇا ٿيو آهي جو تمام ايرو ٿي ويو آهي؟ داڻو پاڻي ڪونه ٿو مليس ڇا؟“

فقير چيو ته” ادا داڻو ته مون وٽ آهي ڪونه. اهو ته آهي الله وٽ. سو نٿو ڏئيس. گاهه ڪرڻ جي وسيت مون ۾ به ڪانهي. وري منهنجو گهوڙو به آهي خار باز. پاڻي پيئڻ انهيءَ به ڇڏي ڏنو آهي. هاڻي مچندو ڏوڙ؟“

چڱو ٿيو......!

هڪ ڀيري وتايو فقير ڪيڏانهن وڃي رهيو هو ته واٽ تي سج لهي ويس. وٽس ڪيسي ۾ هڪ روپيو پيو هو. ان ڪري ڊپ اچي ٿيس. متان ڦورو ڦري وڃن ۽ پئسا هوندا ته جان جو به ڊپ آهي. ان ڪري اهڙي شيءِ ٿي نه هجي ته چڱو. اهو سوچي، رپيو ڪيسي مان ڪڍي. هڪ ڪرڙ جي وڻ جي پاڙ ۾ اڇلائي ڇڏيائين ۽ پاڻ اڳتي هليو ويو.

صبح جو ڪو ڏنار مال ڪاهي اچي اتان لنگهيو. تنهن جي نظر وڃي رپئي تي پئي. ڪرڙ ۾ رپيو ڏسي سمجهائين ته پڪ هتي ڪو خزانو لڪل هوندو. سو ڪهاڙي ڪٽي سجو ڪرڙ وڍي ڇڏيائين ۽ پاڙون به ڪڍي ڇڏيائين.

وتايو فقير ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ ڳوٺ ڏانهن موٽيو. سو سوچيائين ته ڪرڙ مان روپيو ڪڍي وڃان. جڏهن اتي پهتو ته ڏٺائين، ته ڪرڙ آهي ئي ڪانه ۽ اتي کڏ لڳي پيئي آهي، ڪو ڪرڙ جون پاڙون به ڪڍي ويو آهي.

حيران ٿي چيائين تہ ”چڱو ٿيو، جو رپيو اچلائي ڇڏيم، نہ تہ منهنجا بہ لاهہ ائين نڪري وڃن ها.“

ڏبي ٿو پر ڪنگها ئي!

ڳالهہ تا ڪن تہ وتائي فقير ڪي پلاءِ ڏاڍو وڻندو هو، سو هڪ ڏينهن خيال ڪيائين، تہ ماڻهو چون ٿا تہ خدا رزاق آهي. سو آئون بہ آزمودو وٺان، تہ واقعي اها ڳالهہ سچي آهي يا نہ.

اهو خيال ڪري، شهر کان ٻاهر نڪتو ۽ هڪ واهہ جي ڪناري تي بيٺل هڪ وڻ تي چڙهي وڃي ويٺو. انهيءَ حالت ۾ ڪيس بہ ڏينهن گذري ويا، پر ڪٿان ڪو بہ ڏاڪون پرچي نہ آيو. ٽئين ڏينهن ڪو رئيس شڪار لاءِ اتي آيو ۽ انهيءَ وڻ جي ڇانوَ ۾ اچي منزل انداز ٿيو (جنهن تي وتايو ويٺو هو) رئيس جا ماڻهو رڌ پچاءُ ۾ لڳي ويا. جڏهن ماني رڌجي تيار ٿي، تہ رئيس نوڪرن کي حڪم ڏنو تہ ”پهرين ٿالهي ڀري هو پريان اچو ڦبو پيو نظر اچي اتي وڃي خدا ڪارڻ ڏيئي اچو.“

وتائي فقير ڏٺو تہ هاٿي جيڪڏهن مات ٿو ڪيان تہ اڄ بہ بک ٿو مران، ان ڪري وٺي زور سان کنگهيائين. جڏهن رئيس کنگهڪار ٻڌي تہ مٿي ڏٺائين تہ فقير وڻ تي ويٺو آهين. ان کي ڏسي چيائين تہ ”فقير، هيٺ لهي اچي پيٽ کاءُ.“

فقير وڻ تان لهي آيو ۽ پيٽ کائي ڍؤ ڪري ڳوٽ موٽيو. ماڻهن پڇيس ”فقيرا بہ ٽي ڏينهن ڪيڏانهن گم ٿي ويو هئين؟“

چيائين: ”ٻڌو هئم تہ خدا رزاق آهي، سو ان جو آزمودو وٺڻ لاءِ ويو هئس!“

ماڻهن حيران ٿي پڇيس ”پوءِ ڇا ٿيو؟“

جواب ڏنائين تہ: ”ها ڏئي ٿو پر کنگهائي پوءِ ٿو ڏي.“

اي ماھ رمضان الوداع!

ھڪ سال وتائي فقير رمضان شريف ۾ جمع جو روزو رکيو. شام ٿي، تہ نماز پڙھڻ ۽ روزو کولڻ لاءِ مسجد ۾ آيو. جڏھن روزي کولڻ جو وقت ٿيو، تہ ملان فقير اڳيان دال ۽ جوئر جي ماني آڻي رکي ۽ جيکي آسودا نظر آيس، تن جي اڳيان ٻوڙ ۽ پلاءُ رکيائين. اتفاق سان ٻن ڄڻن جو گوشت جي ٻوڙ تان جهيڙو ٿي پيو. ھڪ چيو تہ ”تو گھران رڌل پٽاٽا آندا آھن، اھي چونتو کائين؟“

ٻئي چيو تہ: ”جي گوشت کاڌم تہ ڇا ٿيو، تنھنجو نفس گوشت کائڻ لاءِ چوي ٿو ۽ منھنجو نہ؟“

ٻنهي ۾ جهيڙو وڌي ويو ۽ ھڪٻئي کي گارگند ڪيائون. نيٺ ماڻھن وچ ۾ پئي جهيڙي کي ٽاريو.

فقير جو اھا حالت ڏٺي، سو اٿي ملان وٽ ويو ۽ چائين تہ ”تو کي شابس ھجي، جو مون کي گوشت جو ٻوڙ نہ ڏنئي، نہ تہ منھنجو نفس بہ ھري پوي ھا ۽ آئون روز پيو اچان ھا ۽ اھڙا جهيڙا پيو ڏسان ھا.“

ائين چئي مسجد کان ٻاھر نڪتو، پٺ ورائي چيائين تہ: ”چڱو! اي ماھ رمضان الوا ع!!“

ريڇڪ

ھڪ ڏينھن وتائي فقير کي ماڻس چيو تہ ”ابا! تيوڻ ڪٿي پئي آھي ھاڻ تہ الله سائين کي سوال ڪر تہ ڪجھ ڏياري.“

فقير رب پاڪ کي سوال ڪيو. ڪيس ارشاد ٿيو تہ اها گهر ۾ جيڪا ٻير اٿئي، اها وڃي ڏوڻ، هن ٻي کي وٺي ڏوڙيو تہ منجهانئنس رپين جو مينهن وسي ويو. هڻ ڇا ڪيو، جو هڪڙو رپيو ڪڍي اچي ماءُ کي ڏنائين.

ماڻس چيس تہ: "ابا! هيترن روپين مان فقط هڪڙو روپيو ڪڍي آيو آهين؟"

فقير چيو تہ: "مات ڪر، هيچ نہ ڪر، الله سائين کي ريجڪ آيو تہ اهو بہ ڪسي وڻنديءَ!"

ڏوڻ

وتائي فقير وٽ هڪ ڏڳي هئي، ماڻس جو ان سان تمام گهڻو پيار هوندو هو. خدا جي قدرت سان هڪ سال اچي مال ۾ مارو پيو. پاڳين جا ياڙ خالي ٿي ويا. غريب غربي جي دانهن مڇي وئي. ڪنهن وٽ ڪو هڪ ٻہ وهٽ هئا تہ اهي بہ مري ويا. وتايو فقير بہ انهيءَ ڏڪ کان بچي نہ سگهيو. ماڻس کي تمام گهڻو ڏک ٿيو ۽ اچي روئڻ ۾ چٽڪي سو بس ئي نہ ڪري. تڏهن وتائي فقير چيس تہ: "مات ڪر، مورڳو الله سائين ڪاوڙجي ڏوڻ نہ وٺيئي."

ٻيڙي ٻوڙائي ڇڏيئي!

هڪ دفعي وتائي فقير جو گهڙو چور چورائي ويا. فقير ڇا ڪيو جو ويو مسجد ۾، اتي ٺاهوڪو دلو ڏسي وڃي ڪنيائين. ملئين چيس: "فقير، ڇا ٿو ڪرين؟"

فقير چيو تہ: "دلو کپيم ٿو، سو ٻئي هنڌان ڪڻندس تہ هنن کي خبر پئجي ويندي، چور ڪري ڪڍي ٻڌندم، هن يار جو ڪنيو ٿو وڃان جو هن کي نڪا پئي خبر نڪا چار، ٻي اونو هليو ويندس."

ملئين چيس تہ: ”تہ فقيرا نہ تون پليو آهين، هو تہ عالم الغيب آهي، سڀ ڪجھہ ڄاڻي ٿو.“

اتي وتائي فقير چيو تہ: ”هان! سڀ خير پويس ٿي، تڏهن چئبو تہ لڇن ڪي پناھہ پاڻ ٿو ڏئي. اهو هٿ وٺي اسان جي ٻيڙي ٿو ٻوڙائي.“

ڪپڙا ۽ ماني

وتائي جي ڳوٺ جي پرواري ڳوٺ ۾ شادي هئي. دهلن دمامن جون ڌمون ۽ پتن جون الوليون لڳيون پيون هيون. فقير بہ پنهنجي غريباڻي پوشاڪ ۾ سڏو چني ۾ هليو ويو. هيڏانهن هوڏانهن گهٽڻو ٿي نهاريائين پر ڪنهن رکي صلاح بہ ڪانہ ڪيس. ٻيا جيڪي ڪپڙين گندين ٺهيل ماڻهو پي آيا، تن کي وٺي عزت سان پئي ويهاريو ويو ۽ ڪيس ماني ٽڪي پئي ڪارائي.

هيءُ ويهي ويهي نيٺ اٿيو ۽ هڪ ڪتيءَ وٽ آيو. ان ڪان مسواڙ تي ڪپڙا وٺي پائي، ڏاڍي ٺٺ سان اچي چني ۾ گهڙيو. ماڻهو ڊوڙي آيا ۽ وٺي وچي باعزت وهاريائونس. يڪدم ٻوڙ پلاءُ اچي ويا ۽ فقير جي اڳيان رکجي ويا.

فقير ڪپڙن ۾ هٿ وڌو ۽ انهن کي چيو تہ ”کائو کائو!“

ماڻهن چيس تہ ”چريو آهين ڇا“

جواب ڏنائين: ”سوير غريباڻن ڪپڙن ۾ اچي ويٺس تہ ڪنهن ڪنگهيو ئي ڪونہ. هنيئر جڏهن هي ڪپڙا پائي آيو آهيان، تڏهن خوشامد پئي ٿئي. اها ماني ڪپڙن کي ملي آهي، مون کي ماني ملي ها تہ سوير ئي ملي ها. انهيءَ ڪري هنن کي پيو چوان تہ کائو ير کائو!“

وتايو ۽ سيون

ڳالهه ڪندا آهن تہ وتائي فقير کي سيون گهٽيون وٽنديون هيون. هڪ ڏينهن خدا کي سوال ڪائين تہ "ڏٽي منهنجا! اج هڪڙو نماڻو سوال تہ منهنجو بہ ٻڌ! رمضان جي عيد اچي، ماڻهو سيون رڌين. جڏهن رڌي بس ڪن تڏهن سڀ مري وڃن. آئون ۽ امان وڃون ۽ سڀ سيون ميڙي گهر کڻي اچون. جڏهن سڀ سيون گهر اچي وڃن، تڏهن امان بہ مري وڃي پوءِ تہ آئون هجان ۽ سيون."

ڪَسُ

هڪ دفعي ملڪ ۾ اچي ڏڪار پيو. ماڻهو مڙي وتائي فقير وٽ آيا. چيائونس تہ "فقيرا دعا گهر تہ هيءَ مصيبت ٽري."

جواب ڏنائين تہ "ابا! اوهان کي کهڙي ڪس آهي، خرچ بہ سندس ئي وڃيو."

موت

وتائي فقير کي ڪنهن شخص چيو تہ "فقيرا مرڻ برحق آهي".

فقير جواب ڏنو تہ "ادا ڪونهي لکڻ جو لڪ. تڏهن چئون ٿا تہ مرڻ برحق آهي، نہ تہ وٽ ٿي نہ ڏيونس."

آخوند ۽ ڍڳي

هڪ ڏينهن فقير مسجد ۾ نماز پڙهڻ ويو. پيش امام نماز پڙهائڻ لڳو تہ فقير ٿوري وقت بعد هري هري ٿي صف مان نڪري وڃي جدا نماز پڙهڻ بيٺو. نماز بعد ماڻهن چيس تہ: "فقير تون جماعت سان نماز چو نہ پڙهي؟"

فقير چيو تہ: ”آئون ڪنهن جي پنيان نماز پڙهان؟ آخوند ويچاري پٺي ڏڳي ڳولي، پوءِ چيم تہ هاڻي پنهنجي ٻاريان، پيو هن مان ڪونہ وريو تنهن ڪري وچي جدا نماز پڙهيم.“

مُقام ۾

هڪڙي ڏينهن وتايو گهران ڪاوڙجي نڪتو. چيائين تہ بس آئون هاڻ مري ٿو وڃان. اتان نڪري اچي مقام ۾ ويهي رهيو. اوچتو هڪ گاڏي اچي اتان لنگهي. اڳيان گپ هئي تنهنڪري گاڏي ڦاسي پيئي، گاڏيءَ واري ويچاري گهڻي ئي حيلا ڪيا، پر گاڏي نڪري نہ سگهي. هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين تہ وتائي فقير کي پريان مقام ۾ ويٺل ڏٺائين سڌ ڪري چائينس تہ ”درويش مون کي گاڏي ڪڍائڻ ۾ تہ اچي مدد ڪر.“

وتائي فقير چيس تہ ”ادا، آئون مئو پيو آهيان، نہ تہ تنهنجي گاڏي سوير ئي نڪري وڃي ها.“

مرڻ ۽ سڃاڻپ

وتايو فقير گهمندو گهمندو سير ڪندو ڪنهن شهر ۾ وڃي نڪتو. اتي سندس ڄاڻ سڃاڻ ڪانہ هئي. تنهن ڪري مسافر خاني ۾ وڃي ٽڪيو. قسمت سان ويچارو بيمار ٿي پيو. ۽ مسافر خاني جي هڪ ڪنڊ ۾ پئجي رهيو. بيماري وڌي وئي. هن تي غشي طاري ٿي وئي. ماڻهو اچي مڙيا ۽ چون پيا تہ ”الائجي مسلمان آهي يا هندو؟“

وتايو فقير اها ڳالهہ ٻڌي ٽپ ڏئي اٿي کڙو ٿيو ۽ چيائين تہ ”هت مرڻ نهي ئي ڪونہ ٿو. اسين اِتي مرنداسين جتيٰ ڪو سجاڻندو تہ هجي.“

جبل تورڻ

هڪ ڏينهن ڪنهن ملان واعظ پئي ڪيو تہ ”هميشہ وڏو پٿر ڪٽي ان سان وٽ چينجي، ڇو تہ اهيٰ وٽ وارا پٿر توريا ويندا ۽ انهن جو ثواب ملندو.“ وتايو فقير اها ڳالهہ ٻڌي اٿي هليو. هلندي هلندي وڃي هڪ جبل تي چڙهيو ۽ اتي پيشاب ڪري، سڄي جبل تي چيني، چيائين تہ ”هاڻ ڀل تہ پيا سڄو جبل تورين.“

اوهان ڪي بہ خبر پوي

ڳالهہ ٿا ڪن تہ وتايو فقير هڪ ڏينهن پنهنجو گڏهہ ڪاهي پڙيءَ تي ويو. پڙيءَ تي پهتل خريدارن مان جڏهن ڪو گڏهہ ڪي ڏسڻ لاءِ اڳيان ٿي آيو تہ گڏهہ ڪيس چڪ ٿي هنيو ۽ جڏهن خريدار پويان ڦري سندس جائزو ٿي ورتو تہ گڏهہ ان کي لت ٿي وهائي ڪڍي. ائين واري واري سان ڀن ٽن واپارين سان گڏهہ اِهڙي ڪار ڪئي. نيٺ ڪاوڙ مان هڪ خريدار وتائي کي چيو: ”فقير هھڙو گڏهہ آخر تو ڪان وڻندو ڪير.“

فقير وراڻيو: ”ادا آءُ بہ گڏهہ وڪري لاءِ ڪونہ ڪاهي آيو آهيان، آندو رڳو ان لاءِ اٿم تہ ٻين کي بہ خبر پوي تہ مون سان ڪهڙي ويڌن آهي.“

دعا جو در ئي ساڙي چڏيئي

ڳالهہ ٿا ڪن تہ وتايو فقير ڪنهن پراهين پنڌ تان موٽندي تڪڙو تڪڙو ڳوٺ جي گهٽيءَ ۾ پهتو تہ ڪا مائي سڳوري پنهنجي در جي ڳليءَ تي مليس. تنهن جي ڪيڪارڻ تي فقير وراڻيس مائي چڏ ڪيڪار کي مسافريءَ کان موٽيو آهيان، سو بک بہ ڏاڍي لڳي اٿم. ٻڌاءِ ڪو اٽئي ٽڪر پور. مائي وراڻيو: فقير تازو پٽ رڌو اٿم. اچ توکي ڪوسو ڪوسو پٽ ٿي کارايان ۽ فقير دل ئي دل ۾ سوچيو: واهہ پلا ياڳ منهنجا! ۽ مائيءَ کي چيائين، ادي جلدي آٽي ڏينم. اصل بک کان ساهہ ٿو وڃي!

مائي تڙ تڪڙ ۾ پٽ جي ٿالهي پري اچي وتائي اڳيان رکي ۽ چوڻ لڳيس، ادا ڪوسو ڪوسو پٽ ڏاڍو مزيدار ٿيندو اٿئي. بس وجهہ وات ۾، وڃ ڳيتون ڏيندو. اصل دير نہ ڪر. فقير بہ اڳ ئي بک جو تپايل ويتر جو مائيءَ تڪڙ لاءِ چيس سو ويو ڪوسو پٽ ڳهندو.

نيٺ پٽ ڪائي ڪيائين دنگ. جڏهن هلڻ هارو ٿيو تہ مائيءَ چيس: فقير ويندي ويندي ڪا دعا تہ ڏئي وڃيم. فقير وراڻيو: مائي دعا جو در ئي ساڙي چڏيئي. هاڻ تو لاءِ ڪهڙي دعا نڪرندي.

سچاٽون سڀ ڪنهن کي ٿا

هڪ پيري وتايو فقيرگهمندي گهمندي عمرڪوٽ اچي نڪتو. اتان جون عورتون تڙ تي پاڻي پري رهيون هيون. جيڪي کيس سچاٽنديون هيون. انهيءَ وقت انهن عورتن ۾ سندن مڱيندي بہ موجود هئي. ان تي عورتن سندس مڱينديءَ کہ چيو: آئي تون وتائي کي ڪيڪار، ڏسون تہ چا ٿو چوي؟

جڏهن سندس منگ ڪيس ڪيڪارپو تہ: وتائي هڪدم وراڻيو: ”چريا ڪريا آهيون، پر سچاڻون سڀ ڪنهن کي ٿا.“

آخوند ۽ ديڳي

هڪ دفعي وتائي جي ڳوٺ مان چوري ٿي وئي، سو ڳوناٺا چورن جا پير کڻي نڪتا، پر وتايو هڪدم ڊوڙي وڃي قبرستان ۾ ويهي رهيو.

ماڻهن پڇيس: ”فقير، هتي ڇا ويٺو ڪرين؟“

چيائين: ”چورن جو اڳ ٿو جهليان، نيٺ تہ هتي ئي ايندا!“

انهيءَ ڏانهن ڪان پوءِ سنڌيءَ ۾ اها چوٽي عام آهي تہ:

”وتائي ورارو اڳ جهليو اتيئي!“

بيماري ۽ دعا

هڪ سال وتائي فقير جي ڳوٺ ۾ اچي وڏيءَ بيماريءَ منهن ڪڍيو. ويچارا ماڻهو ڊوڙي فقير وٽ آيا ۽ چيائونس: ”فقيرا خدا کان دعا گهر تہ خير ڪري ۽ هيءَ موذي بيماري ٽاري!“

فقير جواب ڏنو: ”ابا! ڇڏيوس تہ بہ ٽي ڏينهن پلي موجون ماڻي، ۽ ماڻهون ماري دنگ ڪري، پوءِ ڪو نالي وٺڻ وارو بہ ڪونہ هوندس.“

جيئڻ مرڻ جي مرضي

چون ٿا تہ هڪ ڀيري جڏهن وتايو سفر سانگي ڳوٺ کان ٻاهر نڪتو تہ سندس پالتو ڪتو بہ هن جي پويان پويان هلڻ لڳو. فقير گهڻو ئي تڙيس، پر ڪتو ڪٿي ٿو مڙي.

بهرحال ڪتو فقير پويان پويان هلندو رهيو. جڏهن فقير ڪنهن ڳوٺ پرسان لانگاهو ٿيو تہ ان ڳوٺ جا ڪتا فقير واري ڪتي ڪي ڦري آيا، پهريائين تہ هڪبٺي ڪي هشون ڏنائون. پر نيٺ ڪتن جي ولر ڪٺي فقير جي ڪتي ڪي دسيون. ايتري ۾ فقير بہ ٻئي سوٽيون پنهنجي ڪتي ڪي ڦهڪائي ڪڍيون. ڪنهن ڳوٺ واري پريان بيٺي اهو لقاءُ ڏٺو، تنهن چيو فقير اهو ڇا ٿو ڪرين. هي سڀ ڪتا بہ تنهنجي ڪتي ڪي پيا مارين ۽ تون بہ پنهنجي ڪتي ڪي لٺيون هڻين.

فقير وراڻيو: ادا! جڏهن مڙني جي مرضي اها آهي تہ پوءِ مان ڇو مڙان!.

طارق قريشي

وتائي فقير جي واپسي

هڪ ڏينهن ملائڪن ڪي سس پُس ڪندي، وتائي فقير ڏسي ورتو. وتايو، هوريان هوريان ملائڪن جي پويان وڃي، انهن جون ڳالهيون ٻڌڻ لڳو. وتائي فقير کان تہ اوهان سڀ واقف آهيو. هاڻي هوعالم ارواح يعني آتمائن جي نگر ۾ رهندو آهي. هيءَ ڏکوئيندڙ اسٽوري بہ آتمانگر جي ليند اسڪيپ کان شروع ٿي. جيتوڻيڪ آتمانگر ڪي ڪابہ ليند ڪانهي، پر جيئن ڪرنسيءَ ڪي (يعني سڪ رائج الوقت ڪي) ڪوبہ فرنٽ ۽ فليگ نہ ٿيندو آهي. تيئن آتمانگر ڪي ڪا ليند ۽ بائونڊري ڪونهي، هوندئن تہ ڪرنسي ۽ آتمانگر جو ظاهر ڪوبہ هڪجهڙو پهلو ڪونهي، پر هڪڙي وڏي ۽ تمام وڏي، صفا وڏي هڪجهڙائي آهي، اُها هيئن آهي تہ اڪثر آتمانگر جون پٽڪيل آتمائون، وقت کان اڳ بنان پٽڪڻ جي سڌو سنئون آتما ننگر پهچنديون آهن ۽ روزانو هزارن ۽ لکن جي تعداد ۾ پهچن ٿيون ۽ ان جو واحد سبب آهي ڪرنسي!

وتائي فقير، فرشتن جي پڙ پڙ ٻڌي ورتي، ملائڪ ڪنهن ملڪ جي واکاڻ ڪري رهيا هئا. وتائي ڪي پنهنجو وطن ياد اچي ويو ۽ ڪيس شوق جاڳيو تہ هڪ وار پنهنجي ملڪ وڃان. هوندئن بہ اسان سنڌين ڪي اهو مرض آهي جو ڪٿي جنت ۾ هجون، سنڌ جي اڪير ضرور ٿيندي اٿئون. وتائي فقير، الله سائين جي پي اي مسٽر جبرائيل ڪي هڪ اپليڪيشن لکي ڏني. (سچي ڳالهہ اها آهي تہ جو اها عرضي لکي بہ جبرائيل صاحب پاڻ هئي) تہ ڪيس اڄ جي دور ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر دنيا ۾ مؤڪليو وڃي تہ جيئن پنهنجي وطن جي زيارت ڪري اچان. الله سائين اپليڪيشن تي تڪڙو، بلڪل ترت غور ڪيو، نہ تہ الله سائين، سنڌي ماڻهن جو هر فائيل پينڊنگ ۾ رکندو آهي. نو آبجيڪشن سرٽيفڪيٽ يعني اين او سي ڏيڻ کان پوءِ وتائي فقير ڪي صدر جي علائقي ۾ مرشد شاپنگ سينٽر وٽ لاٿو ويو. وتايو فقير، ڪراچيءَ ۾ ماڻهن جو سمنڊ ۽ گاڏين جي ٻوڏ ڏسي، حيران بہ ٿي ويو ۽ پريشان بہ ٿي ويو. دنيا جي عجيب تبديلين تي غور ويچار ڪرڻ لڳو ۽ اڃان ڪيڏانهن وڃڻ جو سوچي ئي رهيو هو تہ هڪڙو بشني (لليچو) ڏاڍو اطمينان سان سندس پير ۾ بيهي هن جا ڪيسا جانچڻ لڳو. جڏهن ڪجهہ نہ مليس، تہ ٻوٽ ٻچڙو ڪري چيائين، ”سالي آجاتي هين ايڪدم خلاص.“

وتايو فقير، عجيب ڪيفيت محسوس ڪري رهيو هو. پرسڪون آتمانگر مان هڪدم هن اپ ڦاڙ ڳوڙ ۾ اچي متيون منجهي ويون هئس، هو ڏاڍي پريشاني جي حالت ۾ هو. آخر ڪجهہ سوچي روڊ ڪراس ڪرڻ لڳو. ٽريفڪ جي درياهہ ڏانهن ڊڪ ڪٿي پاتائين، ڪيترين ئي گاڏين جون تيز بريڪون لڳيون، ڊسڪو گاڏيون سوارن وتائي تي ٺٺول ڪئي ۽ ڪي گاريون ڏيندا نڪري ويا. روڊ جي ٻئي پر پهتو تہ ٽي چار ننڍڙا ڇوڪرا هن ڪي ڦري آيا. هن جو سنڌي ڇليو سي بيٺا هئا جو هو پاڻ

بہ سنڌي هئا. وتائي ڪين عجيب نظرن سان ڏٺو. هڪڙي ڇوڪري وتائي کي غور سان ڏسند پڇيو وتائي "هن جي تصوير تہ آرٽ گيليري ۾ نمائش لاءِ رکيل آهي."

ٻئي ڇوڪري چيو. "ها يار، سنڌالاجي ۾ بہ هن جهڙي ماڻهو جو بوتو رکيل آهي."

هڪ ٻئي ننڍڙي ڇوڪري وتائي کان پڇيو. "ڪاڪا، تون رستو ڀلجي پيو آهين نہ؟"

انهن ۾ هڪڙو ڪجهہ وڏيرو ڇوڪرو هو. تنهن ڪياڙي کنهندي چيو "ها ها توهان اديب آهيو. توهانجو ڪتاب وتايو فقير اسان پڙهيو آهي ڏاڍو ٽريجڪ آهي."

"اهو ڇا ٿيندو آهي؟"

وتايو هن کي ڏسڻ لڳو.

"ڇا اديب يا ٽريجڪ؟" ڇوڪري وري الٽو وتائي کان پڇيو ۽ پوءِ پاڻ ئي ٻڌايائين تہ "اديب جو حليو بلڪل توهان جهڙو هوندو آهي ۽ ٽريڪج معنيٰ غمگين ڪندڙ، دک دائڪ، درد ناڪ وغيره وغيره. هاڻ ڏسو تہ توهان جي ڪتاب ۾ جيڪي ڳالهيون لکيل اهن. انهن جي باري ۾ توهان لکيو آهي تہ مزاحيہ ٽوٽڪا ۽ کل ڀوڳ جو سامان. پر انهن کي پڙهي کلڻ بدران روئڻ آيو." ڇوڪرو ماٺ ٿي ويو. وتايو هن جي ڳالهہ کي سمجهڻ لاءِ مغز کپائي رهيو هو. ڇوڪرن چيو "چڱو اسنا هلون ٿا." وتائي کي ٻک بہ ڏاڍي لڳي رهي هئي، هڪڙي همراهہ کي ٻانهن ۾ هٿ وجهي چيائين "ابا ڳالهہ تہ ٻڌ......"

همراه تڪڙ ۾ ٻانهن ڇڏائيندي چيو "بابا معاف ڪر ڪليو ناهي." وتائي حيرت وچان، اهو همره کي ماڻهن جيميڙ ۾ گم ٿيندي ڏٺو. هن کي سڄي سچوئيشن ۾ پنهنجي پاڻ تي دل ۾ ڪاوڙ بہ ڪري رهيو هو تہ اجايو هن دنيا ۾ آيس. هتي تہ ڪير رستو بہ ڪونہ ٿو ٻڌائي. هيتري دير کان منجهيو بيٺو آهيان تہ ڪير بہ واهر ڪرڻ وارو ڪونهي. فوٽ پاٿ جي ڪناري تي ويهي، هن دنيا تي اجان ٻهگهٽو ويچار ڪري رهيو هو. هڪڙو همراهہ هن جي هٿ تي ريوي رکي، وڃڻ لڳو ۽ ايئن ٿوري دير ۾ ڪيترائي ماڻهو روپيو بہ روپيا، اٺ آنا، چار آنا هن جي تري تي رکندا پيا وڃن. وتايو وائڙن جيان ڪڏهن ماڻهن کي تہ ڪڏهن هٿ ۾ جهليل پئسن کي ڏسي پيو. هن کي سڪا ڏسڻ کان پوءِ سمجهہ ۾ ايو تہ اها ئي ڪرنسي (سڪہ رائج الوقت) آهي جنهن جي ڪري آتمانگر جي آباديءَ ۾ روز واڌارو اچي ٿو. گهڙي نہ گذري تہ چار پنج ڏنا متا، تازا توانا ۽ پهلوان ٽائيپ فقير مٿان اچي ڪڙڪيس، "اڙي ڪير اهين؟" اسانجي ايريا ۾ ڇو آيو آن؟"

اٺ پيج هتان"

ترسو ڀهرين هي پئسا تہ ونوس، ڇڻ مفت جو مال هجي، پندرنهن هزار تا منتلي پريون ۾ هي آهي جو بابي جي دولت سمجهيو ميڙي پيو وڃي" پر هي هتي آيو ڇو آهي؟"

هڪڙي ٻئي فقير چيو "اڄ هتان ٽر نہ تہ اهڙو حشر ڪنداسين جو قاسم آباد جي ٻي گهر سنڌين جي ڪيمپ ۾ پيو هوندين، هيڏ ۾ تيل مکڻ وارو بہ ڪونہ هوندين، وري هيڏانهن جو رخ نہ ڪجان!" انڌي فقير جيڪو اصل ۾ انڌو نہ هو. تنهن جهٽ هٽي هن کان پئسا کسي ورتا. وتائي کي

ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ آيو. هو اتان جند چڌائي فوٽ پاٿ تي ئي هڪ طرف رمندو رهيو. ڪيس سنڌ ۾ ڪوبہ اهڙو ماڻهو نظر نہ آيو. جيڪو هن کي پنهنجي سنڌي سونهاري جا اهي ماڳ مڪان ڏيکاري جيڪي اڳ واري سنڌ جي سونهن ۾ واڌارو هئا. پر هتي تہ مانداڻ ئي ڪجهہ ٻيو هو. هيترو گوڙ. هي ڪل گهوڙا (گاڏيون) هي هيترا ماڻهو. قيامت آهي ڇا. جو گڏ ٿيا آهن؟ هو فوٽ پاٿ تي ذري گهٽ ڪريو هو. جو ڏنائين تہ هن جي ٽنگ ۾ ڪنهن جو هٿ پيو هو. هيٺ ويٺل همراهہ جنهن هن جي ٽنگ ۾ هٿ وڌو هو، تنهن هن کي قميص کان ڇڪي هيٺ ويهاريو ۽ چوڻ لڳو تہ "مان عظيم نجومي پروفيسر دلبر زيدي آهيان، ويهہ تہ توکي تنهنجي قسمت جو حال ٻڌايان."

وتايو فقير هن وٽ ويهي رهيو. نجومي هن جو هٿ وٺي غور سان ڏسڻ لڳو. اوچتو ئي ان ويل اوچتو رستن روڊن تي هلندڙ ماڻهو ڀڄڻ لڳا، لڪڻ لڳا، وٽ وٺان هئي ڇڻ تہ ڪا بلا هنن جي پويان لڳي هئي ۽ واقعي بلا نازل ٿي هئي، ڇو جو هڪ تمام وڏو انبوهہ ماڻهن جو. مچريل انداز ۾ نعرا هڻندو آيو. ڪن ماڻهن اچڻ شرط پٿر بازي ڪئي، ڪي باهيون لڳائي رهيا هئا، گاڏيون، دڪان، هر شيءِ کي باهہ ڏئي رهيا هئا، هر طرف ٽوڙ ڦوڙ، عجيب هڪ طوفان هو. وتايو، سڀ ڪجهہ اچرج مان ڏسي رهيو هو. ٿوري دير ۾ پوليس، رينجرز، آرمي ۽ ٻيا الائي ڪيترا فورسز اچي ويا. ڪرفيو جو اعلان ٿي ويو. منٽن ۾ ماڻهو غائب ٿي ويا. رستن تي رڳو فوج ۽ پوليس وارا بچيا هئا.

هڪڙو فوجي هن ڏي آيو. "ڪير آهين پوڙها، ڪرفيو لڳي ويو آهي اجان تائين ويٺو آهين؟"

وتائي کي فوجيءَ جي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي، ڇو جو فوجي پنهنجي مادري ٻولي ۾ پئي ڳالهايو. فوجيءَ گاڏي ۾ ويٺل پنهنجي آفيسر کي وڃي ٻڌايو تہ "هڪ مشڪوڪ ماڻهو ويٺو آهي."

آفيسر گاڏي مان هيٺ لهي آيو. "ڇپائين هن کي ڪڪڙ بنايو."

وتائي کي ڪڪڙ بنائڻ لاءِ رائفلن جا ٻٽ هنيا ويا. وتائي فقير ڪڪڙ ٿيڻ واري حالت ۾ سوچيو تہ هيءَ ڪهڙي سنڌ آهي. ڪهڙي ڪلاچي آهي؟ ڇڪ خدا مون سان دوکو ڪيو آهي. نہ نہ خدا نہ. پر ملائڪن جي استادي آهي. ولايت ۾ ڪٿي لاٿو اٿن. نہ نہ اڳ بہ تہ نصرپور کان ڪلاچيءَ ۾ آيو هئس. هتي ماڻهو سنڌي ڳالهائيندا هئا.

وتائي فقير جو بيڪ ۾ برو حال ٿي ويو هو. هن سڌو ٿيندي فوجيءَ کي اشارن ۾ سمجهايو. فوجي ڪاوڙ ۾ چيو "ڪڪڙ ٿيءُ" نڪاءَ ڪري ڊانڪي ڪڪ هنيائينس. فوجي آفيسر هڪ فوجي کي چيو "مونکي شڪ ٿو پوي تہ خاد جو ايجنٽ آهي."

فوجيءَ جنهن جو مٿو پويان نڪتل هو ۽ پيٽ اڳيان وڌيڪ هئو چيو "ييس سر يہي بندا ايگرو يوريا کاد کان بنده هي اس کي جسم سي يهي بدبوءِ آتي هي." وتائي کان ڇپا ڳاڇا شروع ٿي وئي، وتائي کي اهڙو قابو ڪيائون جو وتايو اچي ڦاٿو. آخر هنن پڇيس تہ "ڪهڙي ٻولي ڪندو آهين؟"

وتائي بہ ڏکي تي جواب ڏنو. "ها سنڌي" فوجي آفيسر ڏاڍي خيال سان ڪنڌ ڌوڻيو ۽ چيو تہ "هن لاءِ ٽرانسليٽر گهرايو."

ٽرانسليٽر جيڪو سنڌي ڄاڻندو هو تنهن اچڻ شرط وتائي کي چيو. "هي توکي خاد جو ايجنٽ يا انڊيا جو جاسوس ٿا سمجهن پر تون سنڌي ٿو ڳالهائين پڪ اٿن ته هندستان جو جاسوس آهي، تو وٽ شناختي ڪارڊ به ڪونهي ۽ تون ٿو چئين ته آئون نصرپور جو آهيان. نصرپور ۾ ته ڪير به توکي ڪونه ٿو سڃاڻي، ٿائون ڪميٽي جي چيئرمين ٻڌايو ته اهڙو ڪو به ماڻهو. هن جي تڪ ۾ ڪونه ٿو رهي. تون پنهنجي صفائي ۾ ڇا ٿو چئين؟"

"شڪر آهي جو، تون مون واري ٻولي ڳالهائين ٿو" وتائي خوش ٿيندي چيو. "ادا مان وتايو آهيان، پيو جنم وٺي آيو آهيان. مونکي تون سڃاڻ، من ڪٿي منهنجو ڪو نالو ٻڌو هجنئي."

ٽرانسليشن ڪندڙ چيو "مونکي توهان جو نالو ڪجهه ٻڌل ٻڌل لڳي ٿو. اڙي ها .... ياد آيو. اُهو وتايو نه جيڪو هندو مان مسلمان ٿيو هو ۽ لطيفا به ٻڌائيندو هو پر اُن کي فوت ٿئي ته ڪيترائي سال گذري ويا آهن...." ائين چئي هن همراه فوجي آفيسر کي سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو.

"مونکي اڳئي شڪ هو ته هي هندستان جو جاسوس آهي. سنڌي آهن ئي هندو، ڪافر، ڪافرن جا ايجنٽ. هي نو مسلم آهي، اسلام قبول ڪرڻ به هنن جو ڊونگ آهي. وڏي ڳالهه ته آواگون جي ٿيوري پيو ٻڌائي، جنم جنم جو قائل آهي معنيٰ ته قيامت تي به ايمان ڪونه هوندس. ڪافر آ پڪو". وتائي، آفيسر جي ڳالهه کي سمجهيو به ڪونه ۽ اهميت به ڪونه ڏني. ٽرانسليشن ڪندڙ کي چيائين "ابا ڳوٺائي ٻڌ مان آهيان ته سنڌ هندستان ۾ نه؟ يا وري ولايت ۾ ته ناهيان؟"

هن همراه وراڻيو "هندستان نه ڇئو پاڪستان ڇئو پاڪستان."

"پاڪستان!؟! اهو ڪهڙو ملڪ آهي!؟" وتائي پڇيو.

فوجي آفيسر ٽرانسليٽر کان پڇيو ته "هي ڇا ٿو چوي؟" جواب مليو ته گڏيل هندستان جي ڳالهه ٿو ڪري. "اڙي هان، هنن ڪافرن جي ذهن مان اڃان اکنڊ ڀارت جو خيال نه نڪتو آهي؟ ترس مان هن کان سڀ سچيو ٿو ڪرايان. آخر راوي جو پاڻي پيئندڙ آهيان ڪو مذاق ٿورئي آهي."

فوجين وتائي تي ٿرڊ ڊگري استعمال ڪئي. وتائي فقير کي ٽارچر سيل جي حوالي ڪيو ويو. ايستائين جو وتايو فقير مجبور ٿي پيو ۽ الله سائينءَ کي ٻاڏائڻ لڳو. خدا کي هن تي ٻاجهه اچي وئي. هن کي واپس گهرائي ورتائين.

"ڏي خبر وتايا! هڪ ئي ڏينهن ۾ موٽي ائين؟" الله سائين مرڪي وتائي کان پڇيو.

"مالڪ سائين! سنڌ ته هئي ڪونه ڪا ٻي ولايت هئي جو مونکي چون پيا، تون ڪافر آهين. منهنجي گوڏ لاهي ڏٺائون پوءِ به پڪ ڪانه ٿين."

الله سائينءَ ٽڏو شوڪارو ڀريو ۽ چيو "بس وتايا انهن ته ڏيجاري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن مان به هنن ڏي هليو وڃان ته هي مونکي به سماج دشمن، ڪافر ۽ جاسوس قرار ڏئي ڇڏيندا."

ٻئي ڏينهن اخبارن ۾ خبر شايع ٿي ته هندستان جي خفيه تنظيم "را" جو ايجنٽ، رات وچ ۾ پراسرار نموني ۾ ملٽري لاڪ اپ مان فرار ٿي ويو........"

موسيٰ

Rs: 100/-

Designed by:-Heartline Graphix Cell:0300-3069637

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ
کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽
ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ
کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز عِلمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ،
پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ
جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

ڄڻ ڄڻ ڄاڙ وڏي ٿي ڄَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مڙهڻ تہ
”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ
وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها تـوڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)